خبرنامو
# سنڌي ٻولي
حيدرآباد

جنوري-جون 2024ع

جلد 24: شمارو: پهريون 2024ع

Email: khabarnamo@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
**ڊاڪٽر اسحاق سميجو**

سيڪريٽري:
**ڊاڪٽر احسان دانش**

ايڊيٽر:
**شوڪت چاچڙ**
**سليم جروار**

ٻانهن ٻيلي:
**نغما ابڙو**

گرافڪس ڊزائينر:
**فيصل ميمڻ**

فوٽوگرافي:
**شوڪت شاهاڻي**

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد

# اداريو

سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ پتوڙيندڙ هي ادارو پنهنجي وَس ۽ وِت آهر ڪم ڪري پيو، جنهن جي واڳ هن وقت نئين ٽميءَ جي هٿ ۾ آهي. تازو ٻين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس، ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ اسڪالر مقالا پڙهڻ لاءِ پهتا. ڪانفرنس جا اُهي ٻيئي ڏينهن آڊيٽوريم عالمن، اديبن ۽ شاگردن سان ڀريل هو. اهو ماڻهن جي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جو اظهار آهي. تازو هن اداري سنڌي ٻولي سيکارڻ جي سلسلي ۾ ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ۾ جيڪي مرڪز قائم ڪيا آهن، انهن مان جيڪا کيپ سکيا وٺي نڪتي آهي، تن مان اڪثر جن جي مادري زبان اردو ۽ پنجابي آهي، اهي سرٽيفڪيٽ وٺڻ وقت سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا، جيڪو پڻ هن اداري جي ڪاميابيءَ جو ثبوت آهي. گڏوگڏ سوين خانگي استاد اداري جي سکيا مرڪزن مان تربيت وٺي، پنهنجن اسڪولن ۾ درست طريقي سان سنڌي مضمون پڙهائڻ لڳا آهن. ان کانسواءِ اداري طرفان ٿيل اهم مذاڪرن ۽ سيمينارن جي رپورٽن ۽ تصويرن جا هي 36 صفحا، هن اداري کي سنڌ جي ٻين علمي، ادبي ادارن کان ڪجهه وڌيڪ متحرڪ ۽ نمايان ثابت ڪن ٿا.

اميد ته اوهان پنهنجي هن قومي اداري جي ڪردار کي اطمنان جوڳو سمجهي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ اسان جا ٻانهن ٻيلي ٿيندا.

**ايڊيٽر**

# بين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس گهڻ رخا اثر ڇڏيا

## ”سنڌي ٻولي، سنڌو لکت، اصلوڪي ڄاڻ ۽ ورثي جي ذريعي طور ٻولي“












**سنڌي** ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ 4 ۽ 5 مئي 2024ع تي ٻن ڏينهن جي شاندار عالمي ڪانفرنس ٿي گذري. هن سال جي عنوان ”سنڌي ٻولي، سنڌو لکت، اصلوڪي ڄاڻ ۽ ورثي جي ذريعي طور ٻولي“ سان لاڳاپيل مقالا مختلف ويهڪن ۾ پيش ٿيا.

ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن تي افتتاحي ويهڪ ۾ جي خاص مهمانن ۾ سيد ذوالفقار علي شاهہ (وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو). سيد سردار علي شاهہ (وزير تعليم ۽ معدنيات کاتو) شامل هئا. اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي آجياڻو خطاب ڪيو. جڏهن تہ ڪانفرنس جو تعارف ڊاڪٽر رفيق وساڻ پيش ڪيو. مکيہ مقررن ۾ ناميارا اسڪالر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر انجم الطاف، ناصر عباس نير، ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري ، ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ ۽ سيد محمد احمد شاهہ شامل هئا. افتتاحي ويهڪ جي ڪارروائي ياسر قاضي هلائي.

ٻن ڏينهن واري هن ڪانفرنس ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي اسڪالر ۽ دانشور شريڪ ٿيا. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سيد ذوالفقار علي شاهہ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ملڪ جي هر صوبي مان آيل عالم ۽ دانشور ڏسي پڪ ٿئي ٿي تہ پاڪستان ۾ هاڻ لساني تفريق جي گنجائش ناهي رهي ۽ هنن ڪانفرنسن ذريعي ٻولين تي تحقيق جا نوان رخ سامهون اچن ٿا. هن چيو تہ سنڌي ٻولي سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي ڪري عالمي سطح تي ڦهلجي وئي آهي، برطانيا سميت مختلف ملڪن جي لائبريرين ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جا اهم دستاويز موجود آهن. هن چيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پڻ سنڌي ٻوليءَ جو خير خواهہ هو جنهن قانونسازي ڪرائي سنڌي ٻوليءَ جي جي اهميت کي ميڃرايو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو بنياد بہ ان تسلسل جو



حصو آهي. هن اداري پنهنجي 30 سالن جي عرصي ۾ ڪافي اهم ڪتاب، لغتون ۽ ٻيو مواد شايع ڪرايو آهي، سيمينار ۽ ڪانفرنسون پڻ منعقد ٿينديون رهيون آهن. ثقافت کاتي پاران اداري سان هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو.

تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته اڄوڪي عالمي سنڌي ڪانفرنس ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ميزباني ۾ اسين ٻولين جي بقا تي وڏيڪ ڪم ڪري سگهون ٿا. اداري کي مبارڪباد ڏيڻ گهرجي.

دنيا ۾ ماءُ ٻوليءَ جهڙو خوبصورت ورثو ناهي. سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ وارو ڪيس نئين انداز سان پيش ڪرڻ گهرجي. پهرئين مرحلي ۾ چئن مکيه ٻولين سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو جي قدامت ۽ قومي حيثيت کي مڃرائي انهن کي قومي ٻولين جو درجو ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ مان قانون سازي ٿيڻ گهرجي. صوبا هڪٻئي جي قديم ٻولين جو ڪيس وڙهندا ته قومي درجو ملي سگهي ٿو.

هن ٻڌايو ته سنڌو لکت جي پاڄ تي سندس ايامڪاريءَ ۾ ڪجهه رٿائون غور هيٺ رهيون. لئنگئيج اٿارٽيءَ کي هاڻي ان ڪم جي اڳواڻي ڪرڻ کپي. يونيورسٽين جي آرڪيالاجي شعبن ۽ اينٿراپالاجي جي عالمن ۽ شاگردن کي به ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ڪانفرنس جا مقصد بيان ڪندي چيو ته عالمي سنڌي ڪانفرنس ڪرائڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته سنڌو لکت (انڊس اسڪرپٽ) تي جيڪو ڪم هلي رهيو آهي، ان کي اتساهه ملي ۽ دنيا ۾ سنڌو لکت تي ٿيندڙ ڪم کي گڏ ڪجي، چاهيون ٿا ته سنڌو لکت جي پاڄ بابت معياري اڳڀرائي ٿئي. ان ڪري اداري پاران ٿيندڙ هر ڪانفرنس ۾ سنڌو لکت جي موضوع کي ترجيح ڏني ويندي آهي. هن چيو ته ڪا به ٻولي ننڍي وڏي ناهي ٿيندي، جيئن ڪا به ماءُ ننڍي وڏي نه ٿيندي آهي. اسان چاهيون ٿا ته پاڪستان جي سمورين ٻولين کي هڪ جيترو مقام ملڻ گهرجي.

ڊاڪٽر اسحاق وڏيڪ چيو ته ٻوليءَ جو معاملو گهر کان شروع ٿيندو آهي. پنهنجي



گهر ٻاهران لڳايل نالي جي تختي سنڌيءَ ۾ لکرائڻ ڪان اڳ سرڪار ڪان مطالبو ڪرڻ جو ڪو نتيجو نہ نڪرندو. ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ لاءِ اسڪولن جي انتظاميا تي دٻاءُ وجهڻ بجاءِ والدين انگريزي پڙهائڻ جي گهُر ڪن ٿا. هن چيو تہ جيئن سنڌ اسمبلي ٻولي جو بل پاس ڪيو. ايئن ٻيا صوبا گڏ بيهن ها تہ اڄ ٻولين سان اهو حشر نہ ٿئي ها.

ڪانفرنس جي اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي نامياري دانشور جامي چانڊيي چيو تہ " دنيا ۾ گذريل سٺ-ستر سالن ۾ ماهرن ٻوليءَ تي ڪم ڪيو آهي، اڄوڪي دور جي دانشورن کي رڳو تخليق ۾ اڀياس تي نہ پر فلسفي تي بہ ڪم ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ تہ فلسفو غير معمولي طريقي سان ٻوليءَ تي اثر انداز ٿئي ٿو. هن چيو تہ شاهہ لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ عظيم شاعري ڏيئي، ان کي ديوار چين جيان محفوظ بڻائي ويو آهي، علم ڪانسواءِ ٻولين جي بقا ممڪن ناهي. 76 سالن ڪان هيءَ رياست قومي وجودن ۽ انهن جي ٻولين جي قدامت ڪان انڪاري چو آهي. جامي چانڊيي، سنڌ جي حڪومتي ڌر کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اوهان گورنر جي مقرري ۽ صوبن جي حڪومتن لاءِ تہ لابنگ ڪريو ٿا پر هڪڙو ڀيرو بہ پارليامينٽ ۾ ٻولين جي بل لاءِ ڪا لابنگ نٿا ڪريو! سنڌ جو ماڻهو اوهانکي ووٽ ڏئي ٿو جيڪڏهن هن ڀيري ٻوليءَ جو بل لاوارث ٿيو تہ سنڌ جو ماڻهو اوهان ڪان پڇاڻو ڪندو.

ناميارِي اسڪالر ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي ان موقعي تي تجويز ڏني تہ ٻولين جي تحفظ لاءِ مستقل لئنگويج ڪميشن جو قيام عمل ۾ آندو وڃي، جنهن جو مقصد مادري ٻولين جي ترقيءَ بابت رٿابندي ڪرڻ هجي.

ناميارِي ليکڪ ۽ سياستدان مهتاب اڪبر راشديءَ چيو تہ جڏهن بہ قومي اسمبليءَ ۾ بل پيش ٿيو ان بل جي شڪل ئي مٽائي وئي. انهيءَ لاءِ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. هن چيو تہ ٻوليءَ جي حوالي سان پنهنجو پاڻ ڪان شروع ڪريو. پنهنجي گهرن ۾ جهاتي پايو. اسڪولن وارا ٻارن جي والدين کي گهرائي چون ٿا تہ گهرن ۾ ٻارن سان اردو ۽ انگريزي ڳالهايو ۽




والدين قبول ڪن ٿا، پر جڏهن اوهين پنهنجي ٻولي جي عزت نہ ڪندا تہ ڪير ٻيو ڪيئن ڪندو؟ اسڪول انتظاميا تي والدين دٻاءُ چونہ ٿا رکن.

هن وڌيڪ چيو تہ ريلوي اسٽيشنن تي، روڊ رستن تي ڳوٺن جا نالا ڪيئن لکيل آهن. اهي غلط آهن تہ ٻولي اٿارٽيءَ سان ڳالهايو ۽ انهن کي ٺيڪ ڪرڻ لاء اوهان پاڻ بہ ڪردار ادا ڪريو. دڪانن تي مختلف شيون ڪپائيندڙن کي چئو تہ اهي سنڌيءَ ۾ لکن. جيستائين سڀ پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪندا، تيستائين تنقيد ۽ نعريبازي اجائي آهي.

سگا جي باني ڊاڪٽر سليمان شيخ خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ جيڪڏهن ٻوليءَ کي ترجيح نہ ڏينداسين تہ ميسارجي وينداسين، انهيءَ ڪري ٻوليءَ کي جديد ضرورتن تحت اڳتي وڌائڻو پوندو. افسوس آهي تہ اسان جي شهرن ۾ سنڌي پڙهائڻ وارا اسڪول ئي ناهن رهيا، انهي ڪري گهرن مان بہ سنڌي ٻولي بہ ختم پئي ٿئي وقت جي ضرورت آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا اسڪول کوليون، سائنس کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريون. اسان وٽ وڻج واپار ۾ بہ سنڌي ٻولي استعمال نٿي ٿئي. ادارن تي ڀاڙڻ بدران اهو ڪم نوجوانن کي ڪرڻ گهرجي سڄي پاڪستان ۾ سنڌ واحد صوبو آهي، جيڪو ٻوليءَ جي جنگ وڙهي پيو. انهي ڪري قومي اسمبليءَ تائين بل وڃن ٿا پر ٻيا صوبا مدد نٿا ڪن، هاڻي انهي ڳالهہ تي ڪم هلي پيو تہ مادري ٻولين ۾ تعليم ڏني وڃي.

سنڌ مدرسہ الاسلام يونورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب الرحمان صحرائيءَ خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان جي ڪل آباديءَ مان سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 12 سيڪڙو آهي، پر جيڪڏهن ملڪ ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي گهرن ۾ يا ڪچهرين ۾ ڌارين ٻولين بجاءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن تہ اها شرح وڌي سگهي ٿي. هن چيو تہ مادري ٻوليءَ ۾ ابتدائي تعليم جا نتيجا سٺا نڪرندا آهن. ٻوليءَ ۽ ثقافت سان پيار هڪ فخر جوڳو عمل سمجهڻ گهرجي.

ناميارِي اسڪالر ڊاڪٽر فهميده حسين چيو تہ "گهڻي وقت ڪان سنڌي ٻوليءَ کي خطرا موجود آهن هڪ تاثر اهو بہ آهي تہ اها اڳتي














هلي ختم ٿي ويندي، ڇو ته سنڌي ڳالهائيندڙ پاڻ پنهنجي ادب کي وساري رهيا آهن. تعليم پنهنجي ٻوليءَ ۾ نٿي ڏني وڃي. هن چيو ته حليم بروهيءَ رومن سنڌي جي ڳالهه ڪئي ته ان تي تنقيد ڪئي وئي، پر رومن سنڌيءَ جو مقصد اهو هرگز ناهي ته موجوده سنڌي رسم الخط کي ختم ڪيو وڃي. رومن سنڌيءَ ذريعي پوري دنيا جي سنڌين سان لکپڙهه ڪري سگهجي ٿي.“

هن ڪانفرنس ۾ ملائيشيا مان ڊاڪٽر مايا ڊيوڊ ۽ ڀارت مان ٻاتا آنسو مالي آنلائن شرڪت ڪئي، جڏهن ته مذاڪري ۾ سينيٽر ضمير گهمري، انعام شيخ ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جي آئيني حيثيت تي مفيد بحث ڪيو. مختلف مقالن جي نشست ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي، ڊاڪٽر الطاف جوکيي، ڊاڪٽر حنيف خليل (اسلام آباد). ظفرالله پرواز (چترال)، رفعت جهان ۽ روحي مِهر (گلگت)، محمد پناهه بلوچ (ڪوئٽا)، ڊاڪٽر صوبيه اسلم (فيصل آباد)، ڊاڪٽر ابرار ختڪ ۽ ابرار ظهور (سرگوڌا)، عزيز ڪنگراڻي، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر فياض لطيف، سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ٽن اهم نالن ڊاڪٽر طارق رحيم سومري، امر فياض ٻرڙي، ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي سميت نوجوان اسڪالرن جي هڪ معياري کيپ لڳ ڀڳ 50 مختلف موضوعن تي پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪيا ۽ مذاڪرن ۽ مباحثن ۾ حصو ورتو.

سنڌي ٻولي، سنڌو لکت، سنڌي ٻوليءَ تي ٿيندڙ نئين لسانياتي تحقيق، سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ لفظن جي هڪ جهڙائي، قديم رسم الخط هَٽ واڻڪي لِپي، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۾ مادري ٻولين جي داخلا، سوشل ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال جا مسئلا، مادري ٻولين جي حقن بابت قانون سازي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيل ٻوليءَ جي حقن جا بل، ٻولي ۽ صنفي تفاوت، ڪلاسيڪل شاعرن جون ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتون، ٻولي ۽ ثقافتي ورثو ٻولين ۾ موجود قديم ڇاڻ، خانگي اسڪولن ۾ مادري ٻوليون نه پڙهائڻ، رومن کي متبادل لپيءَ طور اختيار ڪرڻ/نه ڪرڻ سميت انيڪ موضوع هن ڪانفرنس ۾ بحث هيٺ آيا ۽ آخر ۾ ڪيترا ئي اهم ٺهراءَ پڻ پاس ڪيا ويا. ٿيون.

ڪانفرنس مان نڪتل اهم ۽ سڀ کان قيمتي نتيجو، سمورين ٻولين جي عالمن ۽ اسڪالرن جوان ڳالهه تي اتفاق هيو ته هاڻ پاڪستان جي سمورين مُک ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏبنا دير جي ملڻ گهرجي ۽ ان لاءِ سمورين ٻولين جا ليکڪ، دانشور، صاحب راءِ، با اثر سياسي سماجي شخصيتون، صحافي، وڪيل، استاد توڙي سجاڳ فرد گڏجي سڏجي اهڙي اثرائتي مهم هلائن، جيئن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ سميت سمورن سگهارن ادارن کي مڃائي سگهجي، ته اسان جي ٻولين کي هاڻ اهو تاريخي حق ڏنو وڃي، جيڪو ڪنهن به مهذب معاشري جي مادري ٻولين کي حاصل هوندو آهي.



## ڪانفرنس ۾ منظور ٿيل ٺهراءُ:

- ملڪ جي سمورين قومن جي قومي ٻولين کي وفاقي سطح تي آئين ۾ قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي ۽ ساڳئي وقت ملڪ جي سمورين ٻولين کي آئيني طور وفاقي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي.
- وفاقي سطح تي موجود اداري ۽ نيشنل لئنگويج اٿارٽيءَ کي قومي ٻولين جي اٿارٽيءَ ۾ تبديل ڪيو وڃي.
- ملڪ جي سمورن صوبن ۾ ۽ سنڌ ۾ بنيادي تعليم قومي ۽ مادري ٻولين ۾ لازمي طور ڏني وڃي.
- سنڌ ۾ سمورن تعليمي ادارن، سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ سنڌ جي خانگي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم کي لازمي قرار ڏنو وڃي.
- انگريز دور جيان سنڌ ۾ انتظامي سطح تي نہ رڳو اهو قانون پاس ڪيو وڃي، پر اهو انتظام ڪيو وڃي تہ سنڌ ۾ هر سطح تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ عملدارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي تعليم لازمي قرار ڏنو وڃي.
- سنڌ ۾ ڪاروبار ڪندڙ پرائيويٽ شعبي کي پابند ڪيو وڃي تہ اُهي پنهنجو ڪاروباري وهنوار ۽ شايع ٿيندڙ مواد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي يقيني بڻائين.
- پاڪستان ۾ موجود سيني مادري ٻولين ۾ موجود اصلوڪي ڄاڻ ۽ ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اپاءُ ورتا وڃن ۽ محققن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي.
- وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪجي ٿي تہ ٻولين جي تحفظ لاءِ مستقل لئنگويج ڪميشن جو قيام عمل آندو وڃي، جنهن جو مقصد مادري ٻولين جي ترقي بابت رٿابندي ڪرڻ هجي.




نُڪتهءِ نظر

سوشل ميڊيا تي ٻوليءَ بابت هلندڙ بحث مباحثو

# سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپي



علي آڪاش

سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپيءَ بابت اڄڪلهه خيالَ ۽ ويچارَ ونڊيا پيا وڃن، اڳي به اهڙا خيال ونڊيا ويا آهن. خاص طور هاڻوڪي سنڌي-عربي لپيءَ جي فعاليت تي به ڪي بنيادي سوال اٿاريا پئي ويا آهن، تن مان ڪ هن طرح آهن.

**پهريون:** جيڪي ٻوليون ساڄي پاسي کان لکجن ٿيون، سي ختم ٿي وينديون.

اِها ڳالهه سچائيءَ تي ٻڌل ناهي. انهيءَ ڪري جو عربي ٻولي ساڄي پاسي کان لکي وڃي ٿي، ۽ اُها هن وقت دنيا جي سڌريل ٻولين ۾ ڳڻجي ٿي وڃي. اِها مڪمل طرح، ڊجيٽل يا انٽرنيٽ جي ٻولي بڻجي چڪي آهي. دنيا ۾ عربي ڳالهائيندڙ آبادي لڳ ڀڳ 420 ملين آهي. اهو انگ انگريزي ٻوليءَ کان ڪو گهڻو گهٽ به ناهي. تنهنڪري اِها خام خيالي آهي ته ساڄي پاسي کان لکجندڙ ٻوليون ختم ٿي وينديون.

**ٻيون:** رومن اسڪرپٽ ئي باقي رهڻو آهي. باقي ٻيا اسڪرپٽ يا رسم الخط ختم ٿي ويندا.

اِها ڳالهه پڻ غير حقيقي آهي. آئون اوهان اڳيان رڳو ٻه مثال رکان ٿو. هڪ: هندي ٻولي. هندي ٻولي رومن لپيءَ ۾ نه ٿي لکي وڃي، پر ديوناگري لپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي، انهيءَ ۾ 44 اکر آهن. ديوناگري هندستان کان سواءِ، نيپال ۽ بنگال جي ٻولين لاءِ به واهپي ۾ آهي. ٻيو: چيني ٻولي: اِها ٻولي ڏسڻ ۾ ئي عجيب آهي. اڄ ڏهاڙي سوڏو پراچين انداز ۾ لکي ٿي وڃي. اُها رومن لپيءَ ۾ رائج ناهي. پر اها ٻولي پنهنجيءَ سگهه سان موجود آهي.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته لپي، ڪنهن به ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ناهي.

**ٽيون:** سنڌي ٻولي عربي لپيءَ جي درجبنديءَ ۾ هئڻ ڪري، ڊجيٽل ٻولي نه ٿي سگهي.

اِها به تحقيق کان پالهي ۽ بناوتي ڳالهه آهي. جو ته عربي ٻولي پاڻ ڊجيٽل دنيا ۾ هڪ اُسريل ٻولي آهي. هن وقت، چيني، عربي، هندي لپيون، پوريءَ طرح، ڊجيٽل واهپي ۾ آهن. انهن ملڪن پنهنجين لپين کي نئين زماني جي گهرجن سان ٺهڪائڻ لاءِ وسيلا ڪتب آندا آهن، ايئن اُهي سوپارا ٿيا آهن. اسان وٽ گهڻا وسيلا ناهن، نه ئي سکيا ورتل ٻولي انجنيئرنگ توڙي ڊجيٽائيزيشن ۽ ڊجيٽلائيزيشن جي سلسلي ۾ فردي سگهه موجود آهي، تنهنڪري هيءُ معاملو جُڳاڙي ماڻهن جي حوالي ٿيل آهي. هن سموري مونجهاري جو لاڳاپو اصل ۾، سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ سان ناهي، پر مالي ۽ انساني وسيلن جي کوٽ سان آهي.

گوگل ترجمي وسيلي سنڌي ٻوليءَ جي ٽُڙ ترجمي لاءِ به ڀانا موجود آهن ته سنڌي ٻوليءَ جو لکت ۾ ڪاپي پيسٽ ڪرڻ لاءِ ايترو مواد موجود ناهي جو جديد "باٽس" وسيلي سنڌي ٻوليءَ جو دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ٽُڙ ترجمو ڪري سگهجي يا ٻين ٻولين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾، ڪتابن جي پي ڊي ايف ۾ هجڻ ۽ اخبارن جي اِي پيپرز طور هجڻ جو رڳو ڀانو آهي. جيڪڏهن روزانو سوشل ميڊيا تي لکيو ويندڙ سنڌي مواد ئي لاڳاپيل مقصد لاءِ ڪٽجي ته مواد جي کوٽ وارو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. رڳو فيسبُڪ تي روزاني هزارين پوسٽون ونڊيون وڃن ٿيون. اِهو مواد روز جي حساب سان سيني روزاني اخبارن کان وڌيڪ آهي. تنهن کان سواءِ، هڪ مهيني اندر انهيءَ مواد جو مقدار ڪيترن ئي ڪتابن جيترو ٿي ويندو. "سنڌ سلامت" ڪتاب گهر يا "سنڌي ادبي بورڊ جي

Sindhi boli
سنڌي ٻولي
Sindhi likho
سنڌي لکو
Sindhi Parho
سنڌي پڙهو
Sindhi galhayo!
سنڌي ڳالهايو

| | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| Sindhi Roman | | | | | | | | | | | | |
| Sindhi | جھ | ڄ | ج | پ | ث | ٺ | ٽ | ٿ | ت | ڀ | ٻ | ب | ا |
| English | jh | j | j | p | s | th | t | th | t | bh | b | b | a |
| Sindhi | ڙ | ر | ذ | ڍ | ڊ | ڏ | ڌ | د | خ | ح | ڇ | چ | ڃ |
| English | r | r | z | dh | d | d | dh | d | kh | h | ch | ch | j |
| Sindhi | ڪ | ق | ڦ | ف | غ | ع | ظ | ط | ض | ص | ش | س | ز |
| English | k | q | ph | f | g | a | z | t | z | s | sh | s | z |
| Sindhi | ي | ء | ه | و | ڻ | ن | م | ل | ڱ | گھ | ڳ | گ | ک |
| English | e | a | h | w,v | n | n | m | l | g | gh | g | g | kh |

ويب سائيٽ“ تي موجود محفوظ صورت ۾ رکيل موادُ رڳو هڪ بهانو آهي. اصل ڳالهه آهي تہ ڪم ناهي ڪرڻو رڳو خلق کي منجهائڻو آهي ۽ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي لاءِ ”ماهر“ هئڻ واري دعوي قائم رکڻي آهي.

**چوٿون:** سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ واري ٻاونجاهہ اکريءَ کي ٽوڙڻي انهيءَ مان اضافي لفظ ڪڍيا وڃن.

اها بہ هڪ بي فائدي ڳالهہ آهي. انهيءَ ڪري جو هر هڪ ٻوليءَ جون پاڙون تاريخ ۾ هونديون آهن. ٻوليون اسرڻ مهل مختلف ٻولين کان اثر وٺنديون اڳتي وڌنديون وينديون آهن. ٻولين سان ڄاڻايل ڦيرڦار لاڳو ڪرڻ جو مقصد اِهو آهي تہ انهيءَ جي تاريخي اوسر سان هٿ چراند ڪرڻُ يا ڪنهن ٻوليءَ جي پوري ماضيءَ کي ميساري ڇڏڻُ اِها ڳالهہ مناسب ناهي. ايئن آهي تہ عربي ٻوليءَ جو اثر، سنڌي ٻوليءَ تي عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان وٺي پيو آهي؛ ۽ انهيءَ ڪري، عربيءَ جا لفظ سنڌيءَ ۾ موجود آهن. اِها ڳالهہ رڳو سنڌي ٻوليءَ سان لاڳو ناهي. عربي ٻولي هن وقت اصلوڪن عربن کان ٻاهر غير عربن ۾ وڏيڪ ڳالهائي وڃي. انهن مفتوحن جون تہ ٻوليون ئي عربي ٻولي پائي ويئي. اسين تہ وري بہ پنهنجي ٻولي ڳالهايون ٿا. تنهن کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ جو مثال وٺجي. انهيءَ ۾ پڻ سندن فاتحن جي ٻولين جي ٻولين جا اکر ۽ شبد پنڌار موجود آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ ۽ انهيءَ جي لپيءَ ۾ گهڻا کان گهڻا لفظ ۽ اکر لاطيني (رومي)، فرانس، هسپانوي ۽ جرمن ٻولين مان آيل آهن. پر انگريزن فاتحن جي ٻوليءَ جي لفظن ٽوٽي اچارن کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو آهي. انگريزي ٻولي دنيا ۾ لفظن جي اُچارن ۽ لفظي صورت ۽ صوت جي لحاظ کان سڀ کان منجهيل ٻولي آهي، تنهن هوندي بہ، اُها هن وقت دنيا جي سڀ کان وڏيڪ غالب ٻولي آهي. ٿورن لفظن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

Psychology- هيءَ لفظ ”پِي“ شروع ٿو ٿئي ۽ تنهن کان پوءِ ”ايس“ سان شروع ٿو ٿئي. ”سي ايچ“ جو اچار ”ڪ“ آهي. سڄي لفظ جو اُچار آهي: سائِڪالاجي يا سائڪولوجي.

School- هن لفظ ۾ ”سي ايچ“ جو اچار ”چ“ بدران ”ڪ“ آهي.

Receipt- هيءَ لفظ پڙهڻ ۾ ”رِسيپٽ“ ٿو اچي، پر پڙهبو: ”رِسيٽ“ آهي.

Schizophrenia — هيءَ لفظ عام طور شيزوفرينيا اچاربو آهي، پر اسڪيزفُرينيا بہ اچاربو آهي. هتي ”ايس سي ايچ“ جو اچار ”اسڪ“ ناهي، جيئن ”اسڪول“ لفظ ۾ آهي.

Mortgage- موَگيج. انهيءَ ۾ ”آر“ ۽ ”ٽي“ اکر ناهن اچاريا.

Colonel- ڪرنل. (هتي ”ڪرنل“ اچار جو ڪو ٽڪ ئي ناهي.)

Queue- ڪِيو عجيب اچار آهي!

Language - لئنگوِج (اسين سنڌي







ٻولي اختياريءَ جي اصلي اچار پويان وڙهي وڙهي چريا ٿي پيا آهن. اِهو اچار نہ لئنگويج آهي نہ لئنگئيج آهي).

Knowledge- ناليج، هاڻي لفظ پڙهو ۽ اچار ڏسو!

Epitome- اِهو اچار ”اپيٽوم“ ناهي پر ”اِپٽمِي“ آهي.

Choir — اِهو اُچار ”چور“ يا ”چوئر“ يا ”ڪوئر“ ناهي، پر ”ڪئاير“ آهي.

Chaos- هڪ عرصي تائين، اسان کي ماستر انهيءَ جو اچار ”چيئوس“ پڙهائيندا آيا، پر انهيءَ جو اصل ”ڪيئوس“ آهي.

اهڙا آئون هزارين مثال ڏيئي ٿو سگهان. جيئن Gem جو اچار ”جَيم“ ۽ Get جو اچار ”گيٽ“. هاڻي ڪو ٽڪ نهي ٿو!

انگريزن لفظ جي ظاهري صورت ۽ انهيءَ جي اچار جي فرق کي ختم ڪرڻ بدران، لفظن جي صورت ۽ اُچار کي پنهنجيءَ روايت سان ڳنڍي رکيو آهي. هنن ڪڏهن بہ اها ڪوشش ناهي تہ جيئن لفظ اچار جي ٿو تيئن ئي لکيو بہ وڃي؛ ظاهر آهي تہ لسانيات جي خيال کان اِهو ضروري بہ ناهي.

هاڻي اوهين اٽان اندازو ڪريو تہ هڙي منجهيل ٻولي بہ دنيا جي سيني ٻولين تي غالب ٿي سگهي ٿي، سهنجائيءَ سان لکي سگهجي ٿي تہ پوءِ سنڌي ٻولي ساڳي ئي لپيءَ سان چونہ ٿي لکي پڙهي سگهجي. تنهنڪري هيءَ سمورو مسئلو رڳو مادي ۽ انساني وسيلن جي اڻهوند، رٿابنديءَ جي ڪميءَ ۽ سچي نيت جي کوٽ سان لاڳاپيل ٿو ڏسجي.

سنڌي ٻوليءَ جي هاڻوڪي لپي، اسان جي لکڻ پڙهڻ جي گُهرجن کي پورو ڪري ٿي، تنهنڪري، انهيءَ ۾ ڪنهن بہ تبديليءَ جي ڪابہ گهرج ناهي. لپي طئہ ٿي، ٻولي لکت ۾ اچي ويئي، اهو ڪافي هوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هرويرو بہ متَي هٿڻ جي گهرج ناهي.

اِهو سوچجي تہ سنڌي قوم، هن وقت هڪ ”ڪالونيل“ صورتحال ۾ آهي. پنهنجي وس واري ناهي. سنڌي ٻوليءَ کي هاڻوڪي صورتحال تائين آڻڻ ۾ اسان جي عالمن، اديبن ۽ ڏاهن الائي ڪيتريون قربانيون ڏنيون آهن ۽ نور نچويو آهي، انهيءَ کي بچايو ۽ وڌايو آهي. تنهن کان سواءِ، هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي هاڻوڪي لپيءَ ۾ اينترو اڻميو ۽ اڻ ڳڻيو مواد موجود آهي، جو لپيءَ سان مٽ سان اهو سارو خزانو ئي ختم ٿي ويندو. ايئن سنڌي قوم پنهنجين پاڙن کان الڳ ٿي ويندي ظاهر آهي تہ اسان وٽ ايترا وسيلا ناهن، جو انهيءَ سموري مواد کي رومن لپيءَ ۾ آڻجي. اسان جي ٻولي جيئن آهي، تيئن ٺيڪ آهي.

باقي ڊجيٽيل سهولت جي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ لاءِ هڪ رومن اسڪرپٽ تيار ڪري ٿو سگهجي، جيئن چيني ۽ هندي ٻولين لاءِ آهي. جڏهن گوگل ٽرانسليٽ ۾ انگريزيءَ مان چينيءَ يا هنديءَ ترجمو ڪبو تہ اصل اسڪرپٽ سان گڏ رومن چيني ۽ هندي بہ لکجي اچي ٿي. انهيءَ حد تائين معاملو ٺيڪ آهي، پر درس تدريس ۽ تعليمي مقصدن لاءِ ۽ ادب سرجڻ جي مقصد واسطي هاڻوڪي عربي لپي اسان لاءِ سئو سيڪڙو مناسب آهي.

(فيس بڪ تان کنيل)





# خانگي استادن کي "سنڌي سکيا ڪورس" جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

18 جنوري 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران مختلف خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ هڪ مهيني وارو ڪورس جي مڪمل ٿيڻ تي پهرين ۽ ٻين بيچ جي استادن کي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ "اوهين انهن اسڪولن ۾ سنڌي پڙهايو پيا جتي سنڌي اوپري بڻائي وئي آهي، اتي اوهان سنڌي ٻوليءَ جا سفير آهيو اها ٻوليءَ جي خدمت آهي. هن چيو تہ ٻوليءَ سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ محبت جو جذبو هئڻ گهرجي. نجي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن کي مسئلا ۽ مشڪلاتون بہ هونديون، ان هوندي بہ اوهان جيڪو ڪم ڪريو پيا ان تي اوهان کي فخر ڪرڻ گهرجي، هن تربيت کان پوءِ اوهان پنهنجي شاگردن اڳيان پاڻ ۾ تبديلي محسوس ڪندا. هن وڌيڪ چيو تہ "اسيمبلي جي قانون سازين، سرڪار ۽ ڪورٽ جي فيصلن ۽ حڪمن باوجود هن وقت خانگي اسڪولن ۾ سنڌي نِنڊٽڪو بڻيل مضمون آهي. اداري ۾ شڪايتي مرڪز قائم ڪرڻ باوجود والدين سنڌي نہ پڙهائڻ جي شڪايت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙي صورتحال ۾ اهڙن اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن ۾ اميدون آهن. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش خطاب ڪندي چيو تہ "پڙهڻ يا علم حاصل ڪرڻ تيستائين ڪارگر نہ آهي، جيستائين ان کي سمجهي ان تي عمل نہ ڪجي، سنڌيءَ ۾ هر سال سوين ڪتاب ڇپجن ٿا، سڀ ڪتاب ڪير پڙهي نٿو سگهي. ماڻهو يا تہ پنهنجي ذوق پڙهڻ واري رياضت سبب يا وري ڪنهن رهنما ۽ استاد وسيلي ئي سٺو پڙهي سگهي ٿو. هن چيو تہ پڙهائڻ وڏو فن آهي، ان آرٽ کي سکڻ جي ضرورت رهي ٿي. ان ڪري ئي اسان پنهنجي اداري ۾ هي تربيتي سلسلو شروع ڪيو آهي، اداري سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي سلسلي ۾ اهڙو مواد تيار ڪيو آهي، جنهن ذريعي استادن کي سنڌي پڙهائڻ ۾ رهنمائي ملندي"

ناميارې شاعر علي آڪاش ان موقعي تي چيو تہ "مونکي خوشي ٿي رهي آهي تہ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استاد شوق ۽ دلچسپيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري مان تربيت وٺي رهيا آهن. هيءَ اتساهيندڙ عمل آهي، هن قسم جي سکيائي پروگرامن سان ٻوليءَ جو واڌارو ۽ اوهان جو ٻوليءَ سان ڳانڍاپو وڌندو."

سنڌي سکيا ڪورس پڙهائيندڙ استاد ڊاڪٽر الطاف جوکئي چيو تہ "ٻار وٽ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سگهہ تہ هوندي آهي پر پڙهائڻ جي لاءِ آوازن کي سمجهڻ ضروري آهي، پر اسان ان کان پري آهيون. هن چيو تہ منهنجو بنيادي مقصد ئي آواز سيکارڻ آهي، جنهن ذريعي لفظ ۽ جملا ٺهندا آهن، هتي ڪورس ڪندڙ استاد هاڻي پاڻ ۾ تبديلي محسوس ڪندا."

پروفيسر انور منصور چيو تہ "استادن کي ڪلاسن ۾ ڪيئن پڙهائڻ گهرجي، ان لاءِ تعليم کاتي وٽ سکيا جو ڪو سلسلو ئي نہ آهي، اهڙي صورتحال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو استادن لاءِ سنڌي سکيا ڪورس شاندار ڪم آهي جنهن ذريعي استاد پڙهائڻ جي طريقيڪار سان گڏ آوازن جو علم ۽ گرامر سکي پاڻ ۾ تبديلي محسوس ڪندا. تقريب جي ڪارروائي، سنڌي سکيا پروگرام جي ڪوآرڊينيٽر شوڪت چاچڙ هلائي.

تربيتي ڪورس ۾ سکيا وٺندڙ استادن عبدالوقار ڪنير، عبدالرحيم لاکي ۽ محمد اسلم لاشاريءَ ڪائنات چانڊيو ۽ عمران علي لغاريءَ پڻ خيالن جو اظهار ڪيو.



# ڪراچي مرڪز ۾ ٿيل ”ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي“ سکيا ورڪشاپ



(9 جنوري 2024)

سڄيءَ دنيا ۾ ڪروڙين سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هجڻ باوجود ٻوليءَ جي صحيح واهپي جي حوالي سان مايوسي آهي. چاڪاڻ ته اسانکي ريڊيي تي ڳالهائڻ لاءِ جيڪا صاف ۽ نج سنڌي ٻولي سيکاري وئي هئي، هاڻي اها ٻولي نه سکڻ وارا باقي بچيا آهن، نه ئي سيکارڻ وارا.

اهڙن خيالن جو اظهار نامياري براڊڪاسٽر نثار ميمڻ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري جي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيمپ آفيس پاران ”ميڊيا ۽ سنڌي ٻوليءَ“ جي عنوان هيٺ ميڊيا ڪارڪنن لاءِ منعقد ڪيل هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ ۾ ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن قسم جي قدمن کي ڏسي وري به اتساهه جاڳي ٿو ته ميڊيا تي درست سنڌي ٻولي ڳالهائجڻ جي لاءِ ڪو ته سنڌي ادارو فڪرمند آهي. هن وڌيڪ چيو ته ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته تشهير ڪندڙ ڪمپنين جي مالڪن سان لهه وچڙ ۾ اچي کين ان ڳالهه جي ترغيب ڏجي ته هو سنڌ صوبي ۾ پنهنجو هر اشتهار سنڌي ٻوليءَ ۾ عوام تائين پهچائن.

ان موقعي تي ڳالهائيندي اداري جي سيڪريٽري ۽ ناماري محقق ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو اڄ به سنڌي اخبارن جي مانيٽرنگ جو ڪم جاري رکيو پيو اچي ۽ غلط ٻوليءَ جي استعمال تي اخبارن ۽ ٻين اشاعتي ادارن کي خط لکي آگاهي ڏني ويندي آهي. اداري طرفان گذريل ڪجهه عرصي کان مختلف موضوعن تي تربيتي ورڪشاپ منعقد ٿيندا رهيا آهن. ان پٺيان مقصد سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال ۽ مختلف شعبن جي ماڻهن کي ٻوليءَ بابت



مونجهارن جي حل لاءِ ڪوششون وٺڻ آهي. هن ٻڌايو ته ادارو ڊگهي عرصي کان سنڌي ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي درست استعمال جي حوالي سان لاڳاپيل ادارن سان لهه وچڙ ۾ آهي.

ناماري اديب ۽ ٻوليءَ جي ماهر تاج جويي پنهنجي ليڪچر دوران چيو ته ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ ڳڻتيءَ جوڳو آهي. اخبارن ۽ چئنلن تي لفظن جي ترجيحي صورتن سميت مذڪر- مونث جو به ڌيان نٿو رکيو وڃي! ٻوليءَ جي نحوي ۽ صرفي مسئلن ۽ دُرست استعمال کي سمجهڻ هر صحافي، ايڊيٽر ۽ ليکڪ لاءِ لازمي آهي. ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال جي تمام گهڻي گهرج آهي. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي غلط تلفظ، مذڪر مونث ۽ واحد جمع جي غلطين سبب سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ ٿئي ٿو. ايئن لفظن جو غلط استعمال ۽ ڌارين ٻولين جي لفظن جي اجائي استعمال کي روڪڻ جي به ضرورت آهي.

ناماري براڊڪاسٽر ۽ ليکڪ ياسر قاضيءَ ان موقعي تي ٽي وي چئنلن ۽ اخبارن جي ٻوليءَ ۾ غلطين جي نشاندهي ڪندي چيو ته ٽيليويزن اسڪرين تي ٻڌجندڙ عام سنڌي غلطين ۾ نه رڳو تلفظ، جمع واحد ۽ ڌارين ٻولين جي لفظن ۽ جملن جي استعمال جون غلطيون معمول بڻجي چڪيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته ”اڪثر سنڌي مارننگ شوز پڻ ٻوليءَ جي بگاڙ جو سبب آهن، جن جي ميزبانن کي سنڌيءَ جو درست استعمال سکڻ گهرجي.

”متن جي ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ“ بابت خالد آزاد پنهنجي ليڪچر ۾ چيو ته اخبار، رسالي يا ڪنهن ٻئي مواد جي معياري ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ نهايت اهم مرحلو هوندو آهي، جنهن رستي معياري متن پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن تائين پهچائي سگهجي ٿو. جملن ۾ گرامر جو ڌيان ۽ جملن جي سونهن وڌائڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين ۽ اصطلاحن جو استعمال به لازمي آهي. خالد آزاد چيو ته اشاعتي ادارن ۾ سڀ ايڊيٽرن ۽ پروف ريڊرن جي خاص تربيت ٿيڻ گهرجي.

هڪ ڏينهن واري هن ميڊيا تربيتي ورڪشاپ ۾ پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مختلف ميڊيا ڪارڪنن شرڪت ڪئي، جن ۾ آخر ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. پروگرام جي ڪارروائي شوڪت چاچڙ هلائي.












مذاڪرو

# پاڪستان ۾ مادري ٻولين جا حق، مسئلا ۽ ڳُڻجون

(24 فيبروري 2024ع)

سنڌ جي عالمن، ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تعليمدانن "مادري ٻوليءَ کي سکيا ۽ قابليت وڌائڻ جو مک ذريعو قرار ڏيندي، ٻار کي پرائمري تعليم لازمي طور مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ کي بنيادي انساني حق قرار ڏنو آهي. عالمن موجب ٻوليون سڃاڻپ سان گڏ عظيم انساني ورثو به آهن. جن جي تحفظ ۽ بچاءَ لاءِ گڏيل قومن جي ٺهرائن، فيصلن ۽ پاليسين تي عمل ڪيو وڃي. اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان "پاڪستان ۾ مادري ٻولين جا مسئلا، حق ۽ ڳُڻجون" جي عنوان هيٺ منعقد ڪرايل اهم مذاڪري دوران ڪيو ويو.

> مادري ٻوليءَ ۾ پڙهندڙ ٻار جي ذهني قابليت ۽ شعوري سگهه وڌيڪ ٿئي ٿي. ٻار پنهنجن خيالن ۽ تصورن جو اظهار ماءُ جي ٻوليءَ ۾ بهتر طريقي سان ڪري سگهي ٿو، ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻار کي بنيادي تعليم پنهنجي مادري زبان ۾ ئي ڏني وڃي.

هن مذاڪري ۾ ناميارو ليکڪ انعام شيخ چيو ته جيئن سڀ ستارا ملي هڪ چنڊ ٺاهيندا ته آسمان ٻسو ٻسو لڳندو، چو ته آسمان جو حسن ستارن سان آهي ۽ گهڻيون ٻوليون ستارن جيان آهن. ان ڪري اسان کي سمورين ٻولين جي اهميت مڃڻي پوندي. هن چيو ته ٻوليون رڳو اظهار جو وسيلو نه آهن. اهي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي اثرانداز ٿين ٿيون. رڳو نعرن، روئڻ پٽڻ يا ماتمي بيانن سان سنڌي ٻولي اڳتي نه وڌندي. پر ان لاءِ سنجيدگيءَ سان اپاءَ وٺڻ ۽ جديد دور جي ڳهرجن مطابق رٿابندي ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جي ٻولي دنيا ۾ مانائتو مقام حاصل ڪري ته تامل ۽ ڪنڙ قومن وانگر اسان کي پنهنجي اهليت، ڪم جو معيار بهتر بڻائڻو پوندو ۽ ٻه ٻوليائي رَوَيو يعني سنڌيءَ کي شخصي اظهار ۽ انگريزيءَ کي دنيا سان ڳنڍجڻ لاءِ سکڻو پوندو، يعني دل جي ٻولي ٻه گڏ رکڻي پوندي ته دماغ جي ٻولي به. هن چيو ته ڪنهن متروڪ لفظ کي جيئارڻ ڪنهن شهيد کي ياد ڪرڻ برابر آهي. ايندڙ ڏهن سالن ۾ وڏيون تبديليون اچڻيون آهن، ٻولين جي به صف بندي ٿيندي، سنڌي ٻولي ختم ته نه ٿيندي، پر اسان چاهيون ٿا ته سنڌي ٻولي مانائتي ٿئي. ان لاءِ روايتي عمل کان ٻاهر نڪري نصاب کي مارڪيٽ سان ڳنڍڻو پوندو، نئين دور کي مُنهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عمليون ٺاهڻيون پونديون، هاڻ صلاحيتن ذريعي ئي مستقبل جا فيصلا ٿيندا.

ناميارو تعليمدان ۽ زيبسٽ ڪراچي ۾ سنڌي اڀياس اڪيڊميءَ جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غزالا رحمان چيو ته "تحقيق ثابت ڪيو آهي ته مادري ٻوليءَ ۾ پڙهندڙ ٻار جي ذهني قابليت ۽ شعوري سگهه وڌيڪ ٿئي ٿي. ٻار پنهنجن خيالن ۽ تصورن جو اظهار ماءُ جي ٻوليءَ ۾ بهتر طريقي سان ڪري سگهي ٿو، ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻار کي بنيادي تعليم پنهنجي مادري زبان ۾ ئي ڏني وڃي. هن چيو ته ثقافتي ۽ اڀياسي سرگرميون ڪرائيندي، مون محسوس ڪيو آهي ته ڪراچيءَ ۾ ماڻهن کي سنڌي ٻوليءَ سان تمام گهڻي دلچسپي آهي، اهي سکڻ به چاهين ٿا، جنهن لاءِ

حڪومت ۽ ادارن کي اڳتي وڌي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته اسان کي ثقافتي ملڪيت کي اهميت ڏيڻ گهرجي، جيڪا ٻوليءَ کان سواءِ ممڪن نه آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "هڪ اندازي موجب پاڪستان ۾ ستر ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. پر اسان وٽ وفاقي سطح تي فقط اردو ۽ انگريزيءَ کي اوليت حاصل آهي. اسان ته چاهيون ٿا ته سرڪار سمورين ٻولين کي قومي ٻوليءَ طور قبول ڪري، پر جي ان ۾ ڪو مسئلو آهي، تڏهن به هر هڪ صوبي جي مک ۽ وڏين ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ضرور ملڻ گهرجي. هن چيو ته جيتوڻيڪ پاڪستان جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي صوبائي حڪومت سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ قانون سازي ڪئي آهي ۽ ان کي قانوني تحفظ ڏنو آهي، پر اصل مسئلو انهن قانونن تي عمل جو آهي. خانگي اسڪول رجسٽريشن ڪرائڻ وقت لکت ۾ واعدو ڪن ٿا ته اهي سنڌي ٻولي پڙهائيندا، پر جڏهن نٿا پڙهائن ته ڪين سرڪار به ڪجهه نٿي چوي ۽ والدين توڙي سماج به بلڪل خاموش رهي ٿو جنهن بابت سجاڳيءَ جي هڪ ڀرپور تحريڪ هلائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته اسان کي سنڌي ٻوليءَ سان بيحد پيار آهي ۽ ان جي ترقي ۽ تحفظ لاءِ ڪم ڪريون ٿا، پر تنگ نظر بلڪل به نه آهيون. جنهن ٻوليءَ جا پنج به ڳالهائيندڙ آهن، اها ٻولي به محفوظ ٿيڻ گهرجي، ۽ ان جي ڳالهائيندڙن کي مان ۽ احترام ملڻ گهرجي. هن چيو ته ٻولي لساني، سماجي، دفتري ۽ سياسي معاملو به آهي، پر فرد جو رويو سڀ کان اهم شئي آهي. اسان کي تعارفي ڪارڊ، گهر جي تختي، شادي ڪارڊ کان وٺي ڪاروباري مرڪز تائين سنڌي ٻوليءَ جي داخلا لاءِ ذاتي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد پروفيسر شفقت قادريءَ چيو ته گڏيل قومن پاران 2022ع کان 2032ع تائين اصلوڪين ٻولين جو ڏهاڪو ڪري ملهايو پيو وڃي. يونيسڪو جي تحقيق موجب هن وقت دنيا ۾ 40 سيڪڙو ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ نٿي ڏني وڃي. اهي يقينن ترقي يافته ملڪن جا نه پر اسان جهڙن غريب ملڪن جا ٻار آهن. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي آئيني حق مليل آهي، پر جيڪي 39 هزار سرڪاري اسڪول آهن، تن ۾ معيار نه هجڻ سبب والدين ٻار موڪلن نٿا ۽ جيڪي 12 هزار خانگي اسڪول آهن، انهن مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي مليل آهي. اسان جي ذهن سازي ڪئي ٿي وڃي ته غربت ۽ بيروزگاريءَ جو سبب ٻولي آهي، جڏهن ته سموري دنيا ۾ ماڻهو مادري ٻوليءَ ۾ بنيادي تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ انهن وٽ غربت ۽ بيروزگاري نه آهي. هن چيو ته انگريزي هاڻ دنيا ۾ قاتل ٻوليءَ طور تصور ڪئي وڃي ٿي، جيڪا ننڍين ٻولين کي ماري رهي آهي. ماهرن جو خيال آهي ته انگريزي سيکارڻ لاءِ جيڪي طريقا اختيار ڪيا پيا وڃن، تن کي ڏسي لڳي ٿو ته مستقبل ۾ رڳو انگريزي ئي بچندي، جيڪو هڪ سانحو هوندو. هن چيو ته پرائيويٽ اسڪول به مادري ۽ اصلوڪين ٻولين جا ڪوس گهر بڻيل آهن. اسان مارڪيٽ جي چڪر ۾ پونداسين ته ٻوليون مري وينديون، اسان کي دلي جذبي ۽ محبت سان ٻولين کي بچائڻو پوندو. هن چيو ته سجاڳ جي غربت ۽ خواهشن جي غربت ماڻهن کي مادري ٻولين کان پري ڪري رهيون آهن. آءِ بي اي سکر جي استاد ۽ اسڪالر ڊاڪٽر حسن شاهه چيو ته هڪ رٿابنديءَ تحت انگريزي ڄاڻندڙ ٻارن کي مٿانهون ڪري ڏنو ٿو وڃي. مون سکر ۾ سروي ڪيو آهي ته انگريزي ڄاڻندڙ ٻارن کي اي ۽ بي ڪلاسن ۾ ويهاريو ٿو وڃي، جڏهن ته سنڌي ۽ اردوءَ ۾ بهتر ٻارن کي سي ۽ ڊي ڪلاسن ۾ رکيو ٿو وڃي، جنهن سان اسڪول سطح تي ٻارن ۾ تفريق پيدا ٿي رهي آهي. جيڪي ٻار سرڪاري اسڪولن مان ايندا آهن، انهن کي گهٽ، جڏهن ته جيڪي انگريزي ميڊيم اسڪولن مان ايندا آهن، انهن کي وڌيڪ اهميت ملي ٿي. ان سبب مادري ٻولين تي انگريزي حاوي ٿي رهي آهي، ٻار به اهو محسوس ڪري ٿو ته سنڌي پڙهڻ سان نه نوڪري ملندي، نه اڳتي وڌي سگهبو. هن چيو ته بمبئي کان علحيدگي واري تحريڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪردار رهيو. ان ڪري سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي آئيني اهميت ملي، پر موجوده صورتحال کي ڏسي سماج، والدين ۽ ٻار کي ٻوليءَ جي اهميت بابت ٻڌائڻو پوندو ۽ سنڌي پڙهائيندڙ استاد کي تربيت ڏيڻي پوندو. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته ٻولي نه رڳو اظهار جو ذريعو آهي، پر ٻوليءَ سان انسان پنهنجي سماج، ثقافت ۽ قوم سان جُڙي ٿو ۽ ٻوليءَ سان جذباتي وابستگي پڻ هوندي آهي. ان مقصد کي سامهون رکندي ادارو ٻوليءَ بابت سرگرميون ڪندو رهي ٿو ته جيئن ٻوليءَ بابت جاڳرتا ٿهلجي. هن چيو ته هن مذاڪري ۾ ماهرن جا ويچار ۽ تجويزون يقينن ايندڙ لائحه عمل جوڙڻ ۾ رهنمائي ڪنديون. مذاڪري ۾ ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر فياض لطيف، علي دوست عاجز منصور قادر جوڻيجي، ڪامريڊ بخشل ٿلهي، پروفيسر ادريس جتوئي، نذير ناز، ڊاڪٽر هريش ڪمار ناز سهتي، ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي، پروفيسر رشيده پتي، شمشير سيلري، مارئي شفقت، يوسف جوبي سميت عالمن، اديبن ۽ يونيورسٽي جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سوال پڻ پڇيا.






# چهين کان ڏهين درجي جا سنڌي درسي ڪتاب: ايپياسي ورڪشاپ :1ءُ 2

(9 مارچ ۽ 10 جون 2024ع)




**سنڌ** جي عالمن، اديبن، ٻوليءَ ۽ نصاب جي ماهرن ”درسي ڪتابن ۾ پراڻن مضمونن جي جاءِ تي جديد دور جي گهُرجن مطابق آسان ٻوليءَ ۾ نوان مضمون ڏاهي انهن ۾ سماجي، ثقافتي ۽ صنفي قدرن کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏيندي چيو آهي تہ درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ ۽ گرامر جي معيار بابت آخري فيصلو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي ڏنو وڃي. هنن اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ڇهين کان ڏهين درجي جي سنڌي درسي ڪتابن جي جائزي جي حوالي سان‘ منعقد ڪرايل ايپياسي ورڪشاپ

**نصاب ۽ درسي ڪتابن ۾ فرق محسوس ڪرڻ گهرجي، 2006ع کانپوءِ نصاب تبديل ٿيو آهي، هن وقت سنڌ جو نصاب عالمي معيار موجب آهي، جيڪو هر لحاظ جي تعصب کان آزاد آهي.**

۾ ڪيو. سنڌي نصاب جي ماهر ۽ بيورو آف ڪريڪيلوم جي اڳوڻي ڊائريڪٽر پروفيسر ادريس جتوئي چيو تہ نصاب ۽ درسي ڪتابن ۾ فرق محسوس ڪرڻ گهرجي، 2006ع کانپوءِ نصاب تبديل ٿيو آهي، هن وقت سنڌ جو نصاب عالمي معيار موجب آهي، جيڪو هر لحاظ جي تعصب کان آزاد آهي، جڏهن تہ موجوده ايڊيشن آزمائشي آهي، ان ۾ وڌيڪ بهتريءَ جي گنجائش آهي. هن چيو تہ اڳ ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڊويزن سطح تي وڃي ماهرن، ليکڪن ۽ استادن سان گڏجي نصاب تي نظرثاني ڪندو هو، اهو سلسلو هاڻ بہ ٿيڻ گهرجي ۽ نصاب ۾ سکيائي عمل هئڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ درسي ڪتابن ۾ مضمون جي آخري حصي ۾ ڏکين لفظن جي متبادل معنيٰ ڏيڻ گهرجي جنهن سان استاد کي پڙهائڻ ۽ ٻار کي پڙهڻ ۾ آساني ٿيندي. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش ايپياسي ويهڪ جا مقصد ٻڌائيندي چيو تہ ”اداري پاران مختلف موضوعن تي تربيتي ۽ ايپياسي ورڪشاپ ڪرائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي، درسي ڪتابن تي ترجيحي بنيادن تي ورڪشاپ ڪرائي رهيا آهيون. هن کان اڳ پهرين کان پنجين درجي جي نصاب بابت ورڪشاپ ٿيا جنهن ۾ ماهرن، ليکڪن ۽ استادن پاران ايندڙ اصلاحي تجويزون سهيڙي رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي، جيڪا لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪلي ويندي. هن چيو تہ ڪي ڪم ادارا گڏجي ڪندا آهن. هن قسم جي سرگرمين سان گڏ ويهي سوچڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ جن غلطين جي نشاندهي ٿئي ٿي، انهن جي درستگي بہ گڏيل طور تي ڪنداسين تہ جيئن پڙهندڙ ٻار تائين نصاب ۾ ٻوليءَ، لفظن ۽ جملن جي درستگي ۽ گرامر جو درست استعمال ٿي سگهي. هن وڌيڪ چيو تہ ادارو سنڌي ٻوليءَ بابت گهڻ رخو ڪم ڪري رهيو آهي، سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جي غلطين جي نشاندهي ڪرڻ کي بہ اسان پنهنجو فرض سمجهون ٿا. نامياري ليکڪ عزيز ڪنگراڻي چيو تہ ”نصاب ۾ اوسر ڳ، وسر ڳ ۽ سُر شامل ڪيا وڃن.“ سنڌ يونيورسٽي جي استاد ۽ اين اي بلوچ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف چيو تہ درسي ڪتابن ۾ اعرابن جون تمام گهڻيون غلطيون آهن، ورجاءَ ۽ غلطين

جي ڪري بامقصد ڳالھ بہ بي مقصد بڻجي ويندي آهي ان سان ٻار ڇا سکندو؟ نامياري ليکڪ عزيز گوپانگ چيو تہ ٻولي سکجي ۽ سيکارجي ڪيئن؟ اهو الڳ ڪم آهي، اسڪول ٻولي ناهي سيکار ينـدو. استاد ۾ صلاحيت هوندي تہ نصاب ۾ شامل مضمون ٻار کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو. هن چيو تہ بنيادي تعليم جي نصابي مضمونن ۾ سماجي رشتن بابت سمجهاڻي ڏيڻ گهرجي. جنهن ذريعي ٻار اڳتي لاءِ رشتن بابت تصور



ٿاهيندو. ناليواري محقق ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي چيو تہ "سنڌ ۾ وچولي جي ٻوليءَ کي نصاب لاء معياري قرار ڏئي، ان ۾ نصاب ٺاهيو ويو آهي. ٻار پڙهڻ ۽ سکڻ دوران ٻوليءَ کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ٿو ان ڪري جملي ۾ استعمال ڪرڻ وقت زير زبر ۽ اعرابن جو استعمال ضرور ڪيو وڃي."

اڀياسي ويهڪ جي ڪارروائي خالد آزاد هلائي. هن اڀياسي ورڪشاپ ۾ عالمن، اديبن، استادن ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نمائندن ڪانسواءِ مرتضيٰ ناز، خاور قبولائي، شفيع محمد چانڊيو، جمن احمداڻي، رابيعہ جمالي، غلام سڪينہ ويسر، شهنيلا قمبراڻي ،محمد پنهل، الاهي بخش اڄڻ، اياز لغاري، هوش محمد ڀٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ لاڳاپيل موضوع بابت پنهنجون ڪارائتيون صلاحون ۽ تجويزون پيش ڪيون.

**ٻيون مرحلو:**

9 مارچ 2024ع تي ٿيل ان ورڪشاپ جي تسلسل ۾ جوڙيل درجيوار ڪاميٽين جو ٻيون ورڪشاپ 10 ۽ 11 جون 2024ع تي منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ اداري جي سيڪريٽري ٻڌايو تہ: هن ورڪشاپ ۾ شريڪ عالمن، ليکڪن ۽ استادن پاران مليل تجويزن جي بنياد تي اسان هڪ جامع رپورٽ تيار ڪري لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪليندا سين. هن چيو تہ "درسي ڪتاب ٻار لاءِ ٻوليءَ جي سکيا ۽ درست استعمال جو بنياد فراهم ڪن ٿا. اسان هن قسم جي پروگرامن وسيلي درسي ڪتابن ۾ رهجي ويل غلطين جي سڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري شاگردن تائين درست سنڌي ٻوليءَ پهچائڻ ۽ ڪين ان جو استعمال سيکارڻ جي سلسلي ۾ ڪوششون ڪري رهيا آهيون.

ناميارِي اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ماهر تاج جويي چيو تہ "جڳ مشهور عالم ۽ هن اداري جي باني چيئرمئن ڊاڪٽر نبي بخش







خان بلوچ بدين ۾ استادن کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته ”پرائمري اسڪول ٻوليءَ جا قلعا آهن.“ اهو سچ آهي ته ٻوليءَ جو محافظ اڄ جو ٻار آهي. جنهن تي درسي ڪتاب ۾ دُرست ٻولي مهيا ڪري ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي.“ ناميارِي ليکڪ پروفيسر شبنم گل چيو ته ”درسي ڪتابن ۾ ادبي ٻوليءَ استعمال ڪئي وئي آهي، جيڪا ٻار جي سمجهه کان مٿاهين آهي. ٻار کي ڪارآمد شهري بڻائڻ لاءِ درسي ڪتاب جو ڪردار اهم هوندو آهي. ان ڪري نئين دور جي گهرجن کي آڏو رکي ان مطابق درسي ڪتابن ۾ معياري ٻولي استعمال ڪئي وڃي ته جيئن ٻار دلچسپيءَ سان پڙهي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري سگهن.“

پروفيسر ادريس جتوئي چيو ته ”هن اپياسي ويهڪ دوران ان ۾ ٻوليءَ جي غلطين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي جيڪي غلطيون قابل ايڊيٽر ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته هر مضمون لاءِ قابل ايڊيٽر مقرر ڪيا وڃن. جيڪي ٻوليءَ جي سمورن پاسن جي ڄاڻ رکندا هجن.“ ناميارِي محقق ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو اداري پاران مرحلي وار درسي ڪتابن تي اپياسي ويهڪ انتهائي بنيادي ۽ ڪارائتو قدم آهي، هن وقت نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو آزمائشي سنڌي درسي ڪتاب غلطين سان ڀريل آهي. مضمونن ۾ ترجيحي صورتن جو مسئلو آهي. ان لاءِ مضمونن، شاعري ۽ ٻي درسي مواد تي نظرثاني جي ضرورت آهي ۽ غلطين کي درست ڪرڻو پوندو.

ڊاڪٽر الطاف جوکيي چيو ته ”درسي ڪتاب لاءِ مضمون لکڻ وڏو فني ۽ ٽيڪنيڪي ڪم آهي. ان ۾ بنيادي شين جو خيال رکيو ويندو آهي. جو ته ادبي ماحول ۾ ادبي ڪتاب هلي ويندا آهن. پر علمي ۽ درسي ڪتابن ۾ ننڍين ننڍين شين جو خيال رکڻو پوي ٿو. هن چيو ته ”علمي ادارن خاص ڪري درسي ڪتابن لاءِ ٻوليءَ سان لاڳاپيل ادارن جو پاڻ ۾ رابطو ضروري آهي ته جيئن ٻار تائين بهتر ۽ معياري ٻوليءَ پهچي سگهي. درسي ڪتاب ۾ مضمون جي ليکڪ جو نالو ضرور شامل ڪرڻ گهرجي.“ ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ چيو ته سنڌي درسي ڪتابن ۾ لفظن جي درست استعمال، لغت واري ڀاڱي ۾ معنائن، لکت ۾ وسرڳ ۽ اوسرڳ جهڙن معاملن تي نظر ثانيءَ جي سخت گهرج آهي. لفظن جي ترجيحي صورتن تي به ويچارڻ جي ضرورت آهي. ناميارِي ليکڪ ڊاڪٽر رياضت برڙي چيو ته درسي ڪتابن ۾ ڏنل لغت ۾ ڪيترن ئي لفظن جون معنائون متن مطابق ناهن. واحد، جمع، مذڪر مونث ۽ لفظن جي ضدن جي حوالي سان به درستگيءَ جي گهرج آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد چيو ته ”سنڌيءَ جي درسي ڪتابن ۾ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جا مضمون لکيل آهن. جيڪي وڏي حد تائين بهتر آهن. پر ٻين مضمونن جي سنڌي ڪتابن تي گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جو ته اهي گهڻو ڪري ترجمو ٿيل آهن. انهن سمورن ڪتابن تي نظرثانيءَ لاءِ ادارن کي گڏجي جامع رٿا جوڙي، پهرئين کان 12 درجي تائين جي سنڌي ڪتابن جو جائزو وٺڻ گهرجي.“ هن تجويز ڏيندي چيو ته ”درسي ڪتابن ۾ سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ تاريخي ماڳن توڙي شخصيتن کي پڻ شامل ڪيو پيو وڃي ته جيئن سنڌ جي نئين نسل کي انهن بابت ڄاڻ ڏيئي سگهجي.“ ناميارِي ليکڪ پروفيسر انور منصور منگريي چيو ته ”تجربيڪار ماهرن پنهنجي مطالعي ۽ تجربي آڌار بهترين تجويزون ڏنيون آهن جن مان خبر پوي ٿي ته ڪافي شيون مونجهارا پيدا ڪن ٿيون جيڪي ٻار کي پڙهڻ ۾ مشڪلاتن جو سبب بڻجن ٿيون. ان طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.“ اپياسي ويهڪ ۾ عزيز ڪنگراڻي، ڊاڪٽر شازيه پتافي، عزيز گوپانگ، غلام سڪينه ويسر، مرتضا ناز، پنهل چاڪراڻي، خاور قبولائي، الاهي بخش اڄڻ، وقار رتڙ ۽ ٻين پنهنجا ويچار ونڊيا. هن ورڪشاپ جي ڪارروائي شوڪت چاچڙ ڪئي.



# سکر ۾ ”ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي“ تربيتي ورڪشاپ

(سکر: 3 جون 2024ع)

”مادري ٻوليءَ کي تعليمي ادارن مان بيدخل ڪرڻ سان نسلن جو نقصان ٿيندو، صحافي ۽ ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جو سهڻو استعمال ڪري اُن جا محافظ بڻجي سگهن ٿا.“ اهڙن خيالن جو اظهار نامياري اديب ۽ محقق تاج جويي، سکر اداري ۾ سنڌي ميڊيا جي نمائندن لاءِ منعقد ٿيل تربيتي ورڪشاپ ۾ ڪيو. تاج جويي چيو ته ٻيهڪ جي نشانين جو استعمال اخبار



نويسن، ليکڪن ۽ شاگردن لاءِ بيحد ضروري آهي. فارسي اسمن جي صورتن، زيرِ اضافت جو استعمال، فعل ۽ ضمير جو غلط استعمال پڻ ٻوليءَ جي بگاڙ جو سبب آهي. هن چيو ڌارين لفظن جو ڪنهن به ٻوليءَ ۾ شامل ٿيڻ فطري عمل آهي، پر مناسب لفظن جي چونڊ، گرامر جو واهپو ٻوليءَ کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي ٿو.

نوجوان محقق ۽ شاعر زبير سومري، پنهنجي ليڪچر ۾ چيو ته اڄڪلهه شهري سنڌ ۾ اردو ۽ انگريزيءَ جو اجايو استعمال عام ٿي رهيو آهي. اڪثر نئون نسل پنهنجي روزاني گفتگوءَ ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڌاريا لفظ استعمال ڪري ٿو جنهن جو بنيادي سبب تعليمي ادارن ۾ ڌارين ٻولين ۾ تدريس ۽ ميڊيا تي ٻوليءَ جو غلط استعمال آهي. هن چيو ته مذڪر ۽ مؤنث، واحد ۽ جمع جو فرق پڻ اڪثر نوجوان نٿا ڪري سگهن. ڌارين ٻولين جي يلغار سنڌي ٻوليءَ لاءِ گهٽتيءَ جوڳي آهي، ان لاءِ والدين پنهنجي ٻارن جي تعليم ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ واري شرط تي اسڪول ۾ داخلا ڏيارين.

نامياري صحافي ۽ ناول نگار ممتاز بخاريءَ سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي لائيو نشريات دوران ٻوليءَ جي بگاڙ جي نشاندهي ڪندي چيو ته صحافين کي ادب دوست هجڻ گهرجي. ڪتابن جو مطالعو پڻ ٻوليءَ جو معياري استعمال سيکاري ٿو. ڪنهن واقعي يا حادثي ۾ رپورٽنگ دوران اڪثر صحافي دوست مذڪر-مؤنث، واحد ۽ جمع جون غلطون ڪن ٿا. سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي جلسن جي رپورٽنگ ڪرڻ ۾ به ٻوليءَ جون غلطيون ٿين ٿيون. هُن چيو ته فالواپ پروگرامن ۽ طويل پروگرامن/ ميراٿن نشريات دوران اڪثر اينڪر پرسن درست ٻولي استعمال نه ٿا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته ايز لائيو ريڪارڊنگ دوران به ساڳيون غلطيون ٿين ٿيون. چوندن جي نتيجن واري نشريات طويل عرصي تائين هلندي آهي، جنهن ۾ پڻ لفظن جي چونڊ ۾ غلطيون ڪيون وڃن ٿيون ’لائيو ٻيپر ۽ چونڊ عمل کان پوءِ ٻيپر هلڻ دوران ٻوليءَ کي درست استعمال ڪرڻ لازمي آهي. ذهني پختگي ۽ اسڪرپٽ جي ريهرسل/مشق ڪرڻ سان لائيو نشريات دوران غلطين کان بچي سگهجي ٿو. صبح ۽ شام مخصوص تفريحي پروگرامن/ ميگزين شوز ميزبان، مهمان توڙي فون تي ڳالهائيندڙ پڻ مذڪر مونث جون غلطيون ڪن ٿا. هن چيو ته نمائندي کان پوءِ سب ايڊيٽر جي به ذميواري آهي، پرامٽ تي موجود اسڪرپٽ درست هوندو ته غلطيون نه ڪندو.

هن ورڪشاپ جي پڄاڻيءَ تي اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجي بنيادي مقصدن تحت سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا مختلف تربيتي پروگرام سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪرائي رهيو آهي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي معيار جون راهون هموار ٿينديون. هن چيو ته اخبارن يا ميڊيا جي ٻولي سماج تي سڌو سنئون اثر وجهي ٿي تنهنڪري صحافين کي ذميداري سان ٻوليءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

هن ورڪشاپ ۾ شريڪ صحافين ۾ انس گهانگهرو، عبداش ڏيهو مجيب ورند، اياز مهر، خالد ٻانيڻ، اسد چاچڙ، پنهل چاڪراڻي، در محمد ميمڻ، محمد علي شيخ، سجاد ميراڻي، بابر علي، مقصود جتوئي عبدالغفور چاچڙ، عطا الله ميراڻي ۽ ٻيا شامل هئا.

ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ٿيل خانگي استادن جي هڪ مهيني جي تربيتي ڪورس جا سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا.

# تحقيق جو فن ۽ ٻوليءَ تي تحقيق جا بنيادي اصول - ورڪشاپ







8 جون 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ڪراچيءَ ۾ قائم 'سنڌي ٻولي سکيا مرڪز' ۾ "تحقيق جو فن ۽ ٻوليءَ تي تحقيق جا بنيادي اصول" جي موضوع تي هڪ ڏينهن جو سکيا ورڪشاپ ٿي گذريو. ان موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ورڪشاپ جي مقصدن ۽ اهميت تي ڳالهائيندي چيو ته ادارو سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اڳي کان وڌيڪ ڪوششون ڪري رهيو آهي، ان سلسلي ۾ اسڪالرشپ ڏيڻ جي اعلان تي پڻ عملي طور شروعات ڪئي وئي آهي ته



جيئن وڌ کان وڌ نوجوان سنڌي ٻوليءَ جي لساني پهلوئن تي تحقيق ڪن. هن ورڪشاپ جي تربيتڪار ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ليڪچر دوران چيو ته تحقيق انسان جي روحاني تسڪين ۽ ڳولا جي اڃ اجهائڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. محقق ڪنهن به مفروضي کي درست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، هر محقق کي اڻ ڊريو هئڻ گهرجي ۽ يقين بدران ان کي حوالي ۽ دليل سان پيش ڪرڻ تحقيق جو بنيادي اصول هئڻ گهرجي. هن چيو ته لسانيات هڪ وسيع علم آهي، جنهن ۾ ڪيترائي موضوع اچا به تحقيق طلب آهن، نوجوانن کي ٻوليءَ تي تحقيق ڏانهن مائل ڪرڻ هن اداري جي ڪاميابي هوندي. هن تجويز ڏني ته ادارو فونولاجيڪل ليبارٽري قائم ڪري ته ڀوءِ يونيورسٽين ۾ سنڌي لسانيات جي مضمون ۾ الڳ ڊگري پڻ متعارف ٿي سگهي ٿي.

هن ورڪشاپ دوران ڊاڪٽر رفيق وساڻ مقالي جو تت لکڻ جي ٽيڪنيڪ تي تفصيلي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته ڪنهن به مقالي جو تت هڪ پئرايي ۾ لکڻ گهرجي ۽ مقالي اندر موجود مفروضي ۽ ان تي ٿيل بحث سائنسي بنيادن تي تحقيقي ڪم ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ ٻڌايو ته اڄڪلهه اڪثر تحقيق رڳو ڊگري، الائونس ۽ رتبي ماڻڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي، پر ماضيءَ جا اسڪالر نتيجا خيز کوجنا ڪندا هئا. ٻڌل ڳالهه تي جو اولڙو شامل ڪجي. ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي پنهنجي ليڪچر ۾ تحقيق جي اصولن، اهميت، نون موضوعن جي ڳولا ۽ ٻوليءَ جي تحقيق جي جديد اصولن تي روشني وجهندي چيو ته گهڻ ٻوليائي ماحول ۾ ڪنهن به ٻوليءَ تي تحقيق اهم هوندي آهي. هر ٻوليءَ تي تحقيق جا محرڪ الڳ هوندا آهن. اڄڪلهه لسانياتي تحقيق ۾ مصنوعي ڏاهپ واري ٽيڪنالاجي پڻ مددگار آهي. هن ورڪشاپ ۾ مختلف يونيورسٽين ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگردن سان گڏ تحقيق جو شوق رکندڙ نوجوانن دلچسپيءَ سان حصو ورتو. آخر ۾ سڀني کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.

# سنڌي ٻولي ايوارڊ تقريب 2023ع




(حيدرآباد: 28 جون 2024ع)








سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران "2023ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن ۽ تحقيقي مقالن تي ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي ڊاڪٽر اين اي بلوچ هال ۾ ٿي گذري، جنهن کي خطاب ڪندي تقريب جي مک مهمان سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ هر وقت متحرڪ آهي. جنهن پنهنجي ڪم سان پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي آهي. اسان وٽ تنقيد انهن تي ئي ٿئي ٿي، جيڪي ڪم ڪن ٿا. ڇوته انهن ۾ ئي ماڻهن جي توقع ۽ اميدون آهن. نڪمن تي تنقيد ناهي ٿيندي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ محققن کي ايوارڊ ڏيڻ سان نون ڪم ڪندڙن جي همت افزائي ٿئي ٿي ۽ وڌيڪ ڪم لاءِ رستا کلن ٿا. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران آن لائن سنڌي سيکارڻ جو ڪورس هلائڻ بهترين عمل آهي، جنهن مان سموريءَ دنيا ۾ سنڌي سکڻ جا خواهشمند فائدو وٺي سگهن ٿا.

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سنڌي سکيا مرڪز قائم ڪرڻ به سٺو فيصلو آهي. هن ٻڌايو ته هڪ ڏينهن ڪيس ڊاڪٽر اسحاق سميجي جو خط مليو ته يونيورسٽيءَ ۾ لڳل سائن بورڊ وغيره سنڌيءَ ۾ لڳايا وڃن. مون ڊينز ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ اها ڳالهه رکي، ته نه فقط سائن بورڊ سنڌيءَ ۾ لکڻ تي حمايت ملي، پر پي ايڇ ڊي ٿيسز جو تعارفي تت به سنڌيءَ ۾ لکڻ جي منظوري ڏني وئي ۽ گذريل ٻن سالن کان زرعي يونيورسٽيءَ جي هر ٿيسز جو تت سنڌيءَ ۾ پڻ لکيو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ايوارڊ حاصل ڪندڙ محققن کي مبارڪ ڏيندي چيو ته، "مونکي اميد آهي ته هي ايوارڊ سندن لاءِ آخري ايوارڊ نه هوندو بلڪ هن ايوارڊ ملڻ بعد اسان جا ڄاڻايل توڙي نوان عالم پنهنجي ڪم ۽ تحقيق جو معيار وڌيڪ بهتر بڻائيندا ۽ نون نون موضوعن تي تحقيق ڪندا.

اسان چاهيون ٿا ته تحقيق ۾ نوان ماڻهو خاص طور نوجوان آڏو اچن، جيئن ٻوليءَ کي درپيش نين للڪارن کي منهن ڏئي سگهجي. هن ٻڌايو ته اداري پاران مختلف موضوعن تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مسلسل تربيتي ورڪشاپ ڪرائي رهيا آهيون، جيئن نوجوانن جي علمي تربيت ٿئي. اسان سنڌ جي ٽن شهرن ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز قائم ڪيا آهن، اسان جي خواهش آهي ته اسلام آباد توڙي دبئيءَ ۾ به اهڙا مرڪز قائم ڪريون ته جيئن اتي






رهندڙ سنڌي جاتيءَ جي ٻارن ۽ نئين نسل کي سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ جي سکيا ڏئي. سنڌن پنهنجي ٻوليءَ ۽ ورثي سان رشتو قائم رکي سگهجي. هن چيو ته ٻولي ڪنهن هڪ شعبي سان واسطو نٿي رکي، سماج جو هر شعبو ٻوليءَ کان سواءِ هلي نٿو سگهي، ان ڪري بازار کان اسڪول ۽ آفيس کان گهر تائين، هر هنڌ هر فرد کي پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ ذميواري محسوس ڪرڻي پوندي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ جيترا آئيني اختيار آهن، اهو ٻوليءَ جي ترقي، واهپي ۽ درست استعمال لاءِ ايوارڊ ماڻيندڙ منصور ٿلهي جي ڪتاب "سنڌي ۽ گجراتي ٻوليءَ جا پاڙ ۾ لاڳاپا" تي جائزو پيش ڪندي چيو ته هيءَ ڪم ڪاپي پيسٽ ناهي، پر منصور سوين لفظ ڳولي اصلوڪين پينر ٻولين کي مختلف پهلوئن سان منجهن هڪ جهڙائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن چيو ته منصور ٿلهو سنڌي ٻوليءَ جو خاموش خدمتگار آهي، جنهن ورهين کان قلمي پورهيو ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪئي ۽ لسانيات جو اهو ماهر آهي، جيڪو ڊاڪٽر الانا، سراج ۽ عطا محمد ڀنڀري کان پوءِ ايوارڊ ملڻ درست فيصلو آهي. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته "ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو ڪافي وقت کان هلندڙ آهي.

2019ع ۾ اداري جي ٺهيل نون قاعدن موجب ٻوليءَ بابت ڪم ڪندڙ ٽن مختلف شعبن ۾ ايوارڊ ڏنا ويندا آهن، جن ۾ هن ڀيري فقط سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيقي ڪتاب ۽ لاڳاپيل موضوع تي ڇپيل مقالي تي ايوارڊ ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ڪمپيوٽر ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي داخلا واري شعبي ۾ ڪا به معياري ۽ نئين داخلا ملي نه







هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي. ٻوليءَ کي ڍڳو لغتون يا ڪتاب نه پر سماج ۽ ان جا ڳالهائيندڙ ئي بچائي سگهن ٿا، ان ڪري اسان کي اجتماعي طور ٻوليءَ طرف پنهنجي روش کي بهتر بڻائڻو پوندو. گڏوگڏ سرڪار پاران ادارن جي سرپرستي ۽ مالي سهڪار به ان ڏس ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

ادارن جون گرانٽون 70 سيڪڙو پگهارن ۽ 30 سيڪڙو اصل ڪم تي خرچ ٿي رهيون آهن، جڏهن ته هجڻ ان جي ابتڙ کپي. هن چيو ته هن صديءَ دوران پاڪستان ۾ مرندڙ 25 ٻولين مان جيڪي سنڌ جون ٻوليون آهن، تن کي محفوظ ڪرڻ جي رٿا تي ڪم شروع ڪري رهيا آهيون.اهڙيءَ ريت اداري پاران 2010ع ۾ محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ هيٺ قومي ٻوليءَ واري ڊرافٽ کي ٻيهر ايوان ۾ موڪلڻ لاءِ چونڊيل نمائندن، سينيٽرن ۽ ادارن کي خط لکيا پيا وڃن ۽ لابنگ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. نامياري اديب تاج جويي موهين جي دڙي جي دور جي سنڌو لکت جي پاڄ لاءِ پٽوڙي رهيو آهي.

ناميارِي اسڪالر ڊاڪٽر تهمينه مفتيءَ چيو ته اداري پاران ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو ڪافي وقت کان هلندڙ آهي. اهو همت افزائي وارو عمل آهي، پر هاڻ ڀيريون ڀيرو به ڪامياب عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنسون ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي دنيا تائين پهچايو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عالمي سطح تائين شعور پکيڙيو آهي.

ايوارڊ حاصل ڪندڙ ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي جي مقالي تي جائزو پيش ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر شازيه سفير چيو ته "ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي جي تحقيق ۾ سچل سائين جي سُر نوريءَ ۾ لاڙي ۽ اترادي لهجن جو خوبصورت سنگم مليو ٿو ڊاڪٽر رياضت جي مقالي ۾ هڪ معياري مقالي جون سموريون خصوصيتون موجود آهن، جنهن سبب ان کي سگهي، ان ڪري هن ڀيري صرف به ايوارڊ ڏنا پيا وڃن. " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر مرتضيٰ سيال چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جا ايوارڊ شفافيت جو هڪ مثال آهن، ايوارڊن سان همت افزائي ٿئي ٿي. ان سان ٻوليءَ بابت تحقيق جو رجحان وڌندو ۽ نوان پهلو سامهون ايندا.

ايوارڊ تقريب ۾ 2023ع ۾ ڇپيل ڊاڪٽر منصور ٿلهي جي ڪتاب "سنڌي ۽ گجراتي ٻوليءَ جا پاڙ ۾ لاڳاپا" تي ايوارڊ سندس ڀاءُ منير احمد ٿلهي وصول ڪيو، جڏهن ته تحقيقي مقالي تي ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي پنهنجي مقالي "سچل سرمست جي سرجيل سُر نوريءَ جو وياڪرڻي ۽ لغوي جائزو" تي ايوارڊ حاصل ڪيو. ان کان سواءِ اداري پاران خيرپور يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڪندڙ چئن نوجوان محققن ۾ اسڪالر شپ جا چيڪ پڻ ورهايا ويا.

### آن لائن مباحثا

# سنڌي گرامر نويسيءَ جا مسئلا، تجويزون ۽ حل



(20 مارچ، 2024ع)

سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تعليمدانن، اسڪولن لاءِ درجيوار گرامر جوڙڻ، استادن جي گرامر جي اصولن موجب تدريس لاءِ تربيت ڪرائڻ ۽ يونيورسٽيءَ جي سطح تي سنڌي ادب ۽ لسانيات جا الڳ الڳ مضمون مقرر ڪري گريجوئيشن ڪرائڻ جا مطالبا ڪندي، تجويز ڏني آهي ته تدريسي عمل ۾ گرامر جي صحيح استعمال ۽ سکيا واسطي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي حتمي اختيار ڏنو وڃي ۽ گرامر جي ڪتابن جي اشاعت اداري جي منظوريءَ سان ڳنڍي وڃي. هنن اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "سنڌيءَ ۾ گرامر نويسيءَ جا مسئلا، تجويزون ۽ حل" جي عنوان هيٺ ٿيل آنلائن مباحثي ۾ ڳالهائيندي ڪيو. ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج اينڊ ريسرچ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر الطاف جوکيي چيو ته ڪنهن به ٻوليءَ ۾ تعليم ۾ گرامر جي اهميت بنيادي هوندي آهي. گرامر لاءِ سمورين ٻولين جا ساڳيا اصول آهن، پر ٻوليءَ جي مزاج موجب گرامر ترتيب ڏنو ويندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي گرامر کي جديد سنڌي گرامر ۾ آڻڻ جي ڳالهه ٿئي ٿي پر ان تي تحقيق نه آهي. انگريزن جي وقت ۾ ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ تعليم کاتي کان منظوري ورتي ويندي هئي، هاڻ ايئن نه ٿو ٿئي. ان لاءِ ضروري آهي ته ٽئين درجي کان ٻارهين تائين گرامر ناهي. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کي حتمي معيار ڏسڻ جو اختيار ڏنو وڃي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر شازيه سفير چيو ته سنڌي ٻولي صدين جي تاريخ رکي ٿي، پر انگريزن جڏهن سنڌيءَ کي درسي ۽ سرڪاري طور استعمال ڪيو ته ان کان پوءِ گرامر جي اهميت وڌي ۽ گرامر جا ڪتاب لکجڻ جي شروعات ٿي. پهريَن گرامر لکندڙ عالمن جي مادري زبان سنڌي نه هئي، انهن انگريزي ڪتاب سامهون رکي سنڌي گرامر لکيو ته ان جو اثر رهيو. ان کان سواءِ سنڌي گرامر سنسڪرت، عربي ۽ فارسي کي به ويجهو آهي. هن چيو ته گرامر کي ڏسي ٻوليءَ نه ٺاهبي آهي پر ٻوليءَ جي لاءِ گرامر ٺهندو آهي، ان ڪري ٻوليءَ جي مزاج مطابق گرامر ٺهڻ گهرجي. اسان وٽ اهو تاثر آهي ته گرامر خشڪ موضوع آهي ان کي وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ٻار دلچسپيءَ سان پڙهي. هن وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي ۾ ايندڙ شاگردن کي گرامر جي ڄاڻ گهٽ هوندي آهي شاگرد مختصر وقت ۾ گرامر نٿو سکي سگهي، ان ڪري ضروري آهي ته يونيورسٽين ۾ سنڌي ادب ۽ لسانيات ۾ الڳ الڳ گريجوئيشن ٿيڻ گهرجي.

نوجوان استاد ۽ گرامر جي ماهر مرتضيٰ ناز چيو ته اسڪول ۾ ٽئين درجي کان گرامر ته پڙهائجي ٿو پر اصولن جي بنياد تي لفظن جي ٿيندڙ تبديليءَ کي سمجهايو نه ٿو وڃي جنهنڪري ٻوليءَ ۾ بگاڙ پيدا ٿئي ٿو. ان ڪري درجي وار گرامر ٺاهڻ جي اسڪيم ناهي، گرامر جي پڙهائي لاءِ استادن کي باقاعده تربيت ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته جنرل گرامر ۽ وياڪرڻ جا ڪتاب ته موجود آهن، پر ان ۾ سائنسي بنيادن تي وصفن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي.

آن لائن مباحثي جي ميزباني ناليواري محقق ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي ڪئي.

## سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون

سچل سرمست تي تحقيق ڪندڙ محققن ۽ عالمن چيو آهي ته 'سچل جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻولي عام ماڻهوءَ جي فهم مطابق آهي. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ به اهڙي ريت شامل ڪيا جو اهي عام ماڻهو کي به سمجهڻ ۾ آسان ۽ پنهنجا محسوس ٿيندا آهن' هنن اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران "سچل سرمست جي شاعري ۾ سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون" جي موضوع تي 13 اپريل 2024ع تي ٿيل آن لائن مباحثي ۾ ڪيو.

ناميارو محقق ڊاڪٽر تهمينه مفتي چيو ته سچل جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جا رنگ به آهن ته فلسفي جا رنگ به نمايان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، هن سنڌي شاعريءَ ۾ به عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ اهڙيءَ ريت شامل ڪيا جو عام ماڻهو به آساني سان سمجهي سگهي ٿو. هن چيو ته سچل سرمست مفڪر شاعر هو ۽ مفڪر شاعر هر ٻوليءَ مان فائدو وٺندو آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو هو جنهن به علائقي ۾ ويو سندس شاعريءَ ۾ به اتان جي لهجي ۽ ٻوليءَ جا اثر نمايان ڏسجن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته مختلف محققن سچل جي شاعري ۽ ٻوليءَ تي ڪم ڪيو آهي، ان جي جائزي وٺڻ ۽ ٻوليءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڪافي شيون سامهون اينديون.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ تي تحقيق ڪندڙ ڊاڪٽر مخمور بخاري چيو ته ڪنهن به شاعر جي ٻوليءَ توڙي شاعريءَ جي ڪٿ ڪرڻ وقت ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن کي به سامهون رکڻو پوندو، ڇو ته ان جي شاعري وقت جي عڪاسي ڪندي آهي. سچل سرمست جو وقت سنڌ جي تاريخ جو بدلجندڙ ۽ خانه جنگي



وارو دور هو. هن چيو ته سچل سرمست کي گهڻ ٻوليائي شاعر چئي سگهون ٿا. سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ گهڻو ڪلام ملي ٿو.




سنڌ جي عالمن ۽ تعليمي ماهرن، بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ حاصل ڪرڻ ٻار جو بنيادي انساني حق قرار ڏيندي چيو آهي تہ بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ سان ئي پنهنجي قومي سڃاڻپ، روايتن ۽ اخلاقي قدرن جو تحفظ ڪري سگهجي ٿو. اهڙو اظهار مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن (21 فيبروري) جي موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران " گهڻ ٻوليائي تعليم ۽ مادري ٻوليءَ طور سنڌي ٻوليءَ جي اهميت"

# گهڻ ٻوليائي تعليم ۽ مادري ٻوليءَ طور سنڌيءَ جي اهميت

جي عنوان هيٺ ڪرايل آن لائن مباحثي ۾ ڪيو ويو. نامياري تعليمدان يونيورسٽي آف صوفي ازم ۽ ماڊرن سائنس جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر پروين منشي چيو تہ "مشاهدي موجب انفرميشن ٽيڪنالاجي ڪان پوءِ دنيا تمام ننڍڙي ٿي وئي آهي ۽ سموري دنيا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي. اتي قوم ڪي سمجهڻ لاءِ ٻولي ئي سمجهڻ ضروري ٿي پيو آهي ۽ ٻوليءَ بنيادي تعليم سان مشروط آهي. هن چيو تہ ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ ساهہ کڻڻ شروع ڪندو آهي، تڏهن ڪان پنهنجي ماءُ جي ٻولي ٻُڌي ٿو ۽ جڏهن دنيا ۾ ايندو آهي تہ سڀ ڪان پهرين پنهنجي ماءُ ۽ گهر جي ماحول مان ٻولي ٻُڌي سڪندو آهي ۽ پنجن سالن جي عمر تائين اهو ٻار ماحول مان سکي وٺندو آهي، پر هن وقت اڍائي سالن جي عمر ۾ ٻار کي اسڪول داخل وجي ٿو جتي ڪيس ڌارين ٻولين ۾ پڙهايو ۽ سکياريو وڃي ٿو جنهن ڪري سندس ذهن تي مختلف ٻولين سبب بار پوي ٿو ۽ هو مونجهاري جو شڪار ٿئي ٿو. ان ڪري اڄ جي ٻار جي نشونما ۽ جسماني واڌ ويجهہ ۾ نمايان فرق آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪنهن بہ قوم ڪي ٿاهڻ ۾ ٻوليءَ جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. جڏهن تہ ٻوليءَ جي لاءِ تعليم بنياد هوندو آهي، پرائمري تعليم مادري زبان ۾ نہ هئڻ ڪري اسان جي ٻار کي ٻيڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي. جيڪو ٻار ڇهن سالن ۾ سکي ٿو ان سکڻ لاءِ اسان جو ٻار 12 سال وٺي ٿو سماجي احساس محرومي سبب اسان جي ٻار ۽ ٻوليءَ کي ڀوڳڻو پوي ٿو. هن چيو تہ اسان پنهنجي يونيورسٽي جي ڊگري انگريزي سان گڏ سنڌي ۾ ڏيڻ شروع ڪئي آهي ايئن سمورن تعليمي ادارن کي پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻ گهرجي."

نصاب جي ماهر ادريس جتوئيءَ چيو تہ "بنيادي تعليم مادري ٻولي ۾ حاصل ڪرڻ انساني حقن جي ذمري ۾ اچي ٿو پر خود يونيسيف جي انگ اکرن موجب دنيا جي 40 سيڪڙو ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ نٿي ڏني وڃي. جڏهن تہ اسان وٽ ٻارن جي خواندگي شرح بہ گهٽ آهي. هن چيو تہ تحقيق ۾ واضح ٿيو آهي تہ جيڪو ٻار پرائمري تعليم پنهنجي مادري زبان ۾ وٺي ٿو اهو ٻيون ٻوليون تڪڙيون ۽ آساني سان سکي ٿو ڇو تہ بنيادي تعليم دوران ٻار جا تصور پختا ۽ واضح هوندا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ 1959ع ۾ شريف ڪميشن ذريعي سنڌيءَ کي پرائمري تائين محدود ڪيو ويو پر سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ سياڄاهہ وندن جي مسلسل جدوجهد ڪان پوءِ 1962 ۾ شريف ڪميشن کي ختم ڪيو ويو. هن وقت بہ ٻوليءَ متعلق بهترين قانونسازي ٿيل آهي، انهن کي لاڳو ڪرائڻ لاءِ سڀني کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي.

نامياري محقق ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ چيو تہ سنڌي موهن جي دڙي جي دور ڪان لکت ۾ موجود آهي ۽ ان ۾ تعليم بہ ٿيندي رهي آهي، ورهاڱي ڪان پوءِ هن ملڪ ۾ بنگالي ۽ سنڌي ٻولين ۾ تعليم هئي اردو کي فوقيت ملڻ ڪري تاريخي ٻولين تي اثر پيو. هن چيو تہ اردو پڙهائڻ تي اعتراض نہ آهي، پر پاڪستان گهڻ لساني ۽ گهڻ قومي ملڪ آهي. تعليمي پاليسي ان مطابق جوڙي وڃي، ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ بلوچستان ۾ بلوچي ۽ براهوئيءَ ۾ بہ نصاب پڙهايو وڃي ٿو سنڌ ۾ سنڌي ٻار کي بہ غير مادري زبان طور پڙهايو وڃي ٿو اها وڏي زيادتي آهي. آن لائن مباحثي جي ميزباني خالد آزاد ڪئي.








# سنڌي نہ ڄاڻندڙن لاءِ بنيادي ڪورس جي شروعات



سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، اداري جي سنڌي سکيا مرڪز ۾ سنڌي سکڻ جي خواهشمندن لاءِ ٽن مهينن جي 'بنيادي سنڌي سکيا' ڪورس جي افتتاحي تقريب 10 جون 2024ع تي ٿي گذري. تقريب کي خطاب ڪندي نامياري محقق ۽ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو تہ "ٻولي اظهار جو ذريعو آهي، اها زبان ئي آهي جيڪا تهذيبن ۽ قومن وچ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪندي آهي ۽ ٻولي ئي انسانن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻيندي آهي، ان ڪري سمورين ٻولين اهميت رکن ٿيون، ڇوتہ ٻولين سکڻ سان ڏاهپ جا در کُلن ٿا. ان ڪري ماڻهو ٻين ٻولين سکي سمجهہ ۽ شعور جا نوان گس سگهي ٿو. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي قيام کي ٽي ڏهاڪا ٿيا آهن ۽ اداري جي شروع کان ڪوشش رهي آهي تہ هتي آباد مستقل اهڙن فردن کي جيڪي سنڌي نہ پيا ڳالهائي سگهن تن ماڻهن کي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڏجي، ان سلسلي ۾ گذريل سال کان اٿارٽيءَ ابتدائي طور سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا مرڪز سنڌ جي ٽن شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ قائم ڪيا آهن، اداري طرفان انگريزي ۽ اردو ذريعي آن لائن سنڌي سکيا ڪورس پڻ هلي رهيو آهي."

نامياري تعليمدان ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ چيو تہ "مادري زبان کان سواءِ ڪا ٻي ٻولي سکڻ مشڪل ضرور آهي، پر ناممڪن ناهي. جهڙيءَ طرح سنڌ جا سنڌي ڳالهائيندڙ ٻنا سکيا جي اردو ڳالهائي ويندا آهن ايئن سنڌ ۾ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙ هر فرد تي فرض ٿئي ٿو تہ اهو سنڌي سکي ۽ ڳالهائي، ڇو تہ اها سماجي، سياسي ۽ معاشرتي گهرج آهي. هن چيو تہ اڄ خوشي ٿي آهي تہ هتي سنڌي سکڻ جي مقصد سان سماج جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ پائر ۽ پينرون وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيا آهن، هي ڪورس روايتي نہ پر لسانياتي بنياد تي جوڙيو ويو آهي جيڪو اوهان کي سنڌي سکڻ ۾ ڀرپور مدد ڪندو."

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي استاد نامور اديب ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ چيو تہ "ٻولين محبتن جو مرڪز آهن. ڪا بہ ٻولي ڏاري ناهي هوندي. سڀ ٻوليون پنهنجون آهن. ٻوليءَ سکڻ مهارت جو ڪم آهي. هن چيو تہ لطيف سرڪار جنهن ٻوليءَ ۾ دعا گهري آهي اها ٻولي اوهان کي بہ سکڻ گهرجي. اڄ هتي موجود ماڻهن ۾ سنڌي ٻولي سکڻ جو جذبو ڏسي دلي خوشي ٿي آهي."

نامياري محقق ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي چيو تہ "دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ ۽ سماج آهن، جتي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائڻ وارا رهن ٿا اهي هڪ ٻئي سان گڏ آهن ۽ ان سان ئي سماج گڏيل طور اڳتي وڌي ٿو انگريز ٻاهران اچي هتان جون ٻوليون سکي حڪمراني ڪري ويا، اسان کي بہ پنهنجي ٻولين کي پنهنجو سمجهڻو پوندو ان سان ئي سنڌ جي سماج ۾ پنهنجائپ وڌندي. افتتاحي تقريب ۾ نامياري ليکڪ پروفيسر انور منصور منگريي ۽ بنيادي سنڌي سکيا ڏيندڙ استاد ناميار‌ي شاعر ستار سروهي پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. تقريب جي ڪارروائي 'سنڌي سکيا پروگرام' جي ڪوآرڊينيٽر شوڪت چاچڙ هلائي.

# انٽرنيٽي لوڪ پاٽمرادو رومن لپيءَ ۾ لکڻ لڳو آهي



شبير ڪنيار

پريشان نہ ٿيو ڪي ڪم اهڙا هوندا آهن، جيڪي فطرت پاٽمرادو ڪري ڇڏيندي آهي.

اسين ڪيڏا نہ ڀاڳوند آهيون جو سنڌي ٻوليءَ جي 52 اکري الفابيٽ ۾ موجود واڌو "مخارجي" اکرن تي سنجيدگيءَ سان ويٺا ويچاريون. وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ کان پهرين، اچو تہ انهن (مخرجي اکرن) کي اک مان ڪڍون تہ جيئن ڳالهہ کي چٽو ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

اهي اکر هي آهن:

- ا ۽ ع = 2
- س، ث ۽ ص = 3
- ت ۽ ط=2
- ف ۽ ق=2
- ز، ذ، ظ ۽ ض=4
- غ ۽ گ=2
- ح ۽ ه=2
- خ ۽ ک=2
- ڪ ۽ ق=2

مڙني جو جوڙ ٿئي ٿو: 21

هاڻ اوهان سوچيو تہ 9 جي جاءِ تي 21 اکر معنيٰ تہ 12 اکر وڌيڪ آهن. نہ رڳو انهن اکرن جو واڌارو آهي، پر اهو بہ پڌرو هجي تہ اِهي ئي اُهي اکر آهن، جن جي بنياد تي اسان جا نهايت اڪابر ليکڪ بہ لکت جون چڪون ڪري مٺي آب ٿيندا رهندا آهن ۽ پوءِ مسئلي جي نزاڪت کي سمجهندي، سدائين هن اهم مسئلي تي ڳالهائڻ جو ست نہ سارينديءَ ان کي ڪل ۾ ئي ٽاريندا آهن.

جڏهن تہ ڪنهن بہ مسئلي جو حل ان کي ٽارڻ ۾ نہ پر رڳوان کي حل ڪرڻ ۾ ئي آهي.

پر اهڙي گگهہ اوندهہ بہ ڪانهي ڪا. "اچا ڪي آهين" سنڌي ٻوليءَ جو گهٽگهرو ٻوليدان سراج ميمڻ گهڻو اڳ پنهنجي مقالي "سنڌي ٻوليءَ" ۾ عربيءَ مان آيل فروعي اکر ڇاٽائي 10 اکر ڌار ڪري سنڌي ٻوليءَ جي 42 اکري الفابيٽ ڏيکاري ويو آهي. (ڏسو: ڪتاب سنڌي ٻولي، ص 83، ڇپيندڙ سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادرو)

اسان جي بدقسمتي اها آهي تہ هھڙو نازڪ مسئلو بہ عام لوڪ ۾ بحث هيٺ آهي. جيڪو هتي اڳواٽ جوڙيل راءِ (اهي اکر عربي ۽ فارسي خاص ڪري مذهبي لفظن جي لکڻ پڙهڻ لاءِ آهن) جي بنياد تي ٻوليائي چاڻ ۾ ڪورو هوندي. جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي ٿو تہ: "الفابيٽ ۾ موجود اهي اکر اجايو بار آهن ۽ انهن جو نج نبار ٻوليءَ جي اچارن سان لڳ لاڳاپو ئي ڪونهي" تہ ڀهرو ٿيو ماڳهين آپي مان ئي نڪريو وڃي.

اهڙو رد عمل اچڻ يقيني آهي. ڇو تہ مسئلا ماهرن سان سلبا تہ اهي ئي انهن جي نزاڪت موجب تحمل سان پنهنجي راءِ ڏيندا آهن پر جي ان جي ابتڙ لوڪ کي ٻڌائبا تہ ايئن ئي ٿيندو.

اسان اهڙي سماج جا رهواسي آهيون، جتي مريض جي صحت بابت فيصلا ڊاڪٽر ۽ وارث ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ لوڪ جي گهڻائيءَ مان مريض ڪڏهن پنهنجي آپريشن جي حق ۾ نہ هوندا آهن پوءِ ڀلي اهي (مريض) حياتي ڇو نہ وڃائي ويهن. تنهنڪري هن معاملي ۾ پڻ، ساڃهہ وندن کي اٿهہ سٿهہ ڪرڻ بدران مسئلي جي نزاڪت کي سمجهي اڳتي وڌڻ گهرجي.

بدقسمتيءَ سان اسان جي 52 اکري الفابيٽ ۾ موجود انهن اکرن کي هرويرو مذهب سان ڳنڍي مسئلي کي اجايو اينگهايو ويو آهي. دليل ڏنو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن اهي اکر الفابيٽ ۾ نہ هوندا تہ عربي يا فارسي ٻولين مان آيل لفظ درست لکي ۽ اچاري نہ سگهبا.

ٿورو هڪ ڳنڍي هيءَ ڳالهہ سمجهو. هڪ وڏي اديب (جنهن جا چاليهارو کن ڪتاب ڇپيل آهن.) فرمايو تہ: "جيڪڏهن رڳو س ۽ ث منجهان ث کي ڪڍي اڪيلو س رکيو وڃي تہ پوءِ 'ثمر = ميوو ۽ سمر = مسافريءَ جي لاءِ توشو يا رستي جو سامان' ۾ فرق ڪيئن ڪري سگهبو؟"

موصوف جيڪڏهن غور ڪري ها تہ کيس خبر پوي ها تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جيڪي ساڳي لکت رکن ٿا ۽ جملي ۾ ڪتب اينديءَ پنهنجي معنيٰ جملي موجب ڏيندا آهن.

جيئن:

ٻُڌ - ڪٽڪ جي ڳاهيل تيلين جو چورو جيڪو مال جي چاري لاءِ ۽ گاري ٺاهڻ لاءِ ڪم اچي.

ٻِڌ = ٻيڻ (پاٽيءَ جي ٻوٽي) جي پاڙ جيڪا پاڇيءَ طور رڌي کائبي آهي

هٽ = دڪان جنهن تان وکر ونجي

هٽ = پري ٿيءُ يا جاءِ ڏي

گهاٽ = گهاٽائِي، گهاٽاڻ، گهرائِي، ڳوڙهاڻ، جهجهائِي

گهاٽ = جبل مان لنگهہ، جاءِ، واٽ، رستو پيچرو، گهرُ، گهيڙ

گَهٽو = دنبو

گُهٽو = گوگهو، نڙيءَ تي زور ڏئي ساهہ جهلڻ واري حالت

اهڙا ڪيترائي لفظ مثال لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، جيڪي اعرابن جي ڦير ڦوڙي بنا ڪنهن اعرابي ڦير جي معنائون مٽين ٿا. تنهنڪري ائين چوڻ تہ: "اکري متبادل يعني

مخرجن سان ئي معنيٰ جو ڦير پيدا ٿئي ٿو" سو بلڪل غلط آهي.

بهرحال هن مسئلي بابت مون کي هاڻ ڪوالڪو ڪونهي. ڇاڪاڻ ته هيءُ مسئلو مون کي پاٽمرادو حل ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.

اسان سڀني جي اڳيان هڪ وڏو تاريخي مثال پيو آهي.

جڏهن حليم بروهيءَ سنڌي ٻوليءَ کي رومن ۾ لکڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، ته ساٽس جيڪي جنيون کيون ويون، سي ڪنهن کان ڳجهيون ڪو نه آهن. پر اڄ بنا ڪنهن ڏپ ڊاءَ جي جنهن کي وٽي ٿو، سو رومن ۾ سنڌي لکي ٿو. نه رڳو اهو پر رومن اڙدوءَ بجاءِ رومن سنڌيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ همٿايو پڻ وڃي ٿو ۽ اهو ڪم اسان عام جام ڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ ڪا فتويٰ، ڪو غداريءَ جو سرٽيفڪيٽ ۽ ڪا روڪ ٽوڪ ٿي ڪانهي.

نه وسارڻ کپي ته سڄي دنيا سهنجاين ڏي سفر ۾ آهي، تنهنڪري ئي اسان جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ اڻ لکيو ئي سهي، پر رومن لکت کي هر هنڌ قبوليو ويو آهي. انڪري سنجيده ٿي سوچبو ته سمجهه ۾ ايندو ته الفابيٽ جي هيءَ ڏکيائي به گهٽو جتاءَ ڪانه ڪري سگهندي.

هاڻ سوال ٿو پئدا ٿئي ته اهو وقت ڪڏهن ايندو؟

جنهن جو جواب آهي ته: جيئن ميسيجنگ وسيلي رومن اسڪرپٽ پاٽمرادو سنڌيءَ لاءِ اچي پنهنجي جاءِ ٺاهي ويو، تيئن ئي اڪ ڦيرائي ڏسوا هن وقت انٽرنيٽي لوڪ، پاٽمرادو انهن اکرن کي ڇڏي، لکڻ شروع ڪيو آهي (ڪي ته اهڙا اعلان به ڪريو ويٺا آهن).

جڏهن مون هڪ هنڌ اهڙي لکت تي اعتراض واريو ته جواب مليم: "لکيل متن جو مطلب سمجهه ۾ آيئي، ڪين نه؟ "

چيم: "آيو."

وڏيڪ ورندي مليم: "ته پوءِ مٿو نه ڦيراءِ ۽ ڪم سان ڪم رک"!

ميان! مڃو يا نه مڃو پر ايلازن، منٿن کان ڳالهه چڙهي وئي آهي.

انڪري اسان جا وڏڙا چئي ويا هئا ته "ان ڪان پهرين جو ڪو پيو اچي ڏٺاري، پنهنجي هٿن سان پاڻ منهن ڏوئي ڇڏجي"

اچو ته پنهنجي ڏکهي الفابيٽ تي خوش ٿيون (جنهن جي ڏکهائيءَ جي عمر جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن.) [فيس بڪ تان ورتل]

مون کهنبا پارائيا، ٻهگڻ ٻوليءَ کي،
ائن ڪو ڪيئن چوي، ڏوهيڙا هن ڏيهه جا.

شيخ اياز

## مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن تي سنڌي ٻارڙن جي ريلي...!

21 فيبروري 2024ع تي گورنمينٽ گرلس اسڪول نور محمد ون قاسم آباد ٿو وحدت ڪالوني قاسم آباد. حيدرآباد جي شاگردن ۽ استادن پاران مادري ٻوليءَ جي اظهار طور جاڳرتا واڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو مطالعاتي دورو ڪيو ويو.

استادن ۽ شاگردن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ هر فرد کي سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ گهرجي ۽ گهرن توڙي بازارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي. ان دوران خالد آزاد. شاگردن کي سنڌي ٻولي ۽ ان جي مختلف لپين جي ارتقا بابت ڄاڻ ڏني، ۽ اداري جي سيڪريٽري سيني شاگردن جي آجيان ڪئي.





# سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي اهميت



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ٻولين جي ترقي ۽ بقا جو دارومدار محض حڪومت جي پٺڀرائي يا قانون جي ٽيڪ تي نہ آهي. ان جو مثال خود سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ مان ملي ٿو. عربن جي دور بعد، تقريباً اٺ سؤ سال فارسي ٻولي حڪومت جي دادلي ٻولي ٿي رهي، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ذرا آهستگي ٿي مگر اها ترقي جاري رهي، تان جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پيدا ٿيو جنهن پنهنجي فڪر ۽ روح سان سنڌي ٻوليءَ کي عروج تي پهچائي ڇڏيو. حقيقت ۾ ٻوليءَ جي فنا ۽ بقا جو دارومدار گهڻي قدر ٻوليءَ جي روح تي آهي ۽ اهو روح ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو "فڪر" آهي. جيستائين اسان جو هر هڪ اديب محض ٻين جي خيالن جي نقالي يا ترجماني ڪرڻ بدران، ٿورو ئي گهڻو پنهنجي ذاتي فڪر کي پنهنجي شعر ۽ مضمونن ۾ پيش ڪري تہ مجموعي طور اسان جي ٻوليءَ ۾ فڪر جو سرمايو وڌندو رهندو.

جيستائين اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ بلند فڪر ۽ اعليٰ خيالات واري علم ادب جي ذخيري کي وڌايو تہ غير سنڌي حضرات خود سنڌي سکڻ جي ڪوشش ڪندا. يا اسان جا ڪتاب ترجمو ڪري پڙهندا. بهرحال، فڪر جي پٺڀرائيءَ سان، سنڌي ٻولي ۽ ان جو علم ادب، حڪومت ۽ سياست جي پاليسيءَ جا محتاج نہ رهندا. بلڪ پنهنجي ئي قوت ۽ صلاحيتن سان ترقي ڪندا رهندا.

زياده افسوس ڪاموري ڪلاس جي ڪن والدين تي آهي، جي ويچارا تازو احساس ڪمتريءَ جا شڪار بنيا آهن، ۽ پنهنجي ٻارڙن کي مادري ٻولي سيکارڻ بدران اهي اڌورو پيا سيکارين. بحيثيت هڪ ٻوليءَ جي اڌورو سکڻ ۾ عيب ڪونهي، مگر احساس ڪمتريءَ سببان اهو قدم کڻڻ جڻ ذهني غلامي اختيار ڪرڻي آهي، جنهن ۾ ايندڙ نسلن جي تباهي. "سنڌي پڙهو" جو ٻيو اهم پهلو هيءُ آهي تہ اسان مان هر هڪ پڙهيل سنڌي اخبارن، رسالن ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتابن کي پڙهڻ پنهنجو فرض سمجهي، جيستائين اسان جا عام پڙهيل فقط ٻہ رپيا مهينو بہ پنهنجي علم جي زڪوات ڪين تہ جيڪر هڪ اخبار يا رسالو ۽ ڪم از ڪم ٽي-چار وڏا ڪتاب يا ست-اٺ ننڍا ڪتاب نہ وٺنداسين تہ لکندڙن جي همت افزائي نہ ٿيندي ۽ اسان جو قلمي ۽ ڪتابي ذخيرو ڪماحقہ ترقي ڪري نہ سگهندو.

"سنڌي ڳالهائڻ" وارو اصول جڻ عام تبليغ ذريعي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ وسيع ميدان پيدا ڪرڻ جي برابر آهي: "سنڌي پڙهڻ" وارو اصول ٻوليءَ جي پيڙهہ پختي ڪرڻ ۽ ان جي اشاعت کي وڌائڻ برابر آهي ۽ "سنڌي لکڻ" ٻوليءَ جي عمارت اڏڻ جي برابر آهي. ظاهر آهي تہ عمارت اڏڻ هڪ فن ۽ هنر آهي، جنهن لاءِ تياريءَ جي ضرورت آهي. "سنڌي لکو" جو هڪ سادو مفهوم اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ لکڻ جي مشق ڪريو تہ اوهان جا اکر سهڻا ٿين ۽ اوهان صحيح صورتخطي لکي سگهو. اهو سبق اسان جي شاگردن لاءِ آهي. مگر هن فقري جو حقيقت ۾ مفهوم اهو آهي تہ اسان جو هر تعليم يافتو سنڌي لکڻ جي پاڻ ۾ ڪم از ڪم اهڙي صلاحيت پيدا ڪري، جو پنهنجي ذاتي خيالن ۽ تجربن کي موثر نموني ۾ لکي سگهي، جيئن ٻيا انکي پڙهي ۽ سمجهي سگهن. هر انسان کي پنهنجو عقل، پنهنجي سمجهہ ۽ پنهنجي زندگيءَ جو مخصوص تجربو پلئہ پوي ٿو ۽ جيستائين اسان مان هر هڪ پنهنجي مخصوص ذاتي فڪر ۽ تجربي کي قلمبند ڪندو، تہ مجموعي طور اسان جي ٻولي توڙي تمدن شاهوڪار ٿي پوندا.

[سنڌي ٻولي جرنل: جولاءِ 2011ع]

# "سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال"



شوڪت حسين شورو

سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ڌرتي آهي. سنڌ جا ڳوٺ، وستيون ۽ واهڻ آهن. سنڌي ڳالهائيندڙ عوام آهي. ان ڪري اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ جي وجود کي خطرو ڪونهي، پر خطرو ان ڳالهہ جو آهي تہ اها رڳو ڳالهائڻ جي حد تائين رهجي نہ وڃي. ان ڪري جيستائين سنڌ ۾ تعليم جو نظام نہ سڌرندو، خاص طور سنڌي ٻوليءَ جو بنياد پرائمري اسڪول باقاعدي فعال ۽ بهتر نہ ٿيندا ۽ سڄي سنڌ ۾ قائم ٿيل انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌي لازمي طور ۽ صحيح طريقي سان پڙهائي نہ ويندي، تہ قومي ٻوليءَ جي ليبل لڳڻ سان ڇا ٿيندو؟ حڪومت تہ پنهنجي اقتدار کي هر حالت ۾ بچائڻ جي ڪوشش ۾ پوري آهي، پر سنڌ جي سول سوسائٽي، سنڌ جون سياسي ۽ قوم پرست جماعتون توڙي ادبي تنظيمون سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ کي ڏسندي وائسندي بہ لاتعلق بڻيل آهن. ان کان وڌيڪ بدنصيبي، بيحسي ۽ الميي واري ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جي اهميت ۽ افاديت تڏهن اجاگر ٿيندي، جڏهن سنڌ ۾ تعليمي نظام کي پٽڙيءَ تي آندو ويندو. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ جو مستقبل ۽ خود سنڌن بقا فقط ان ڳالهہ ۾ آهي.

[اٺارنيءَ جي هڪ سيمينار ۾ پڙهيل: 2011ع]

# رچرڊ برٽن جا سنڌي ٻوليءَ بابت ويچار

"سنڌي زبان لطافت ۽ ظرافت جي نڪتئہ نگاهہ کان ڪيترين دقيق ڳالهين ۾ اولهہ هندستان جي ٻين ٻولين کان بهتر آهي. مثلاً: شعر ۾ لفظن جي پڇاڙين ڦيرائڻ جي اجازت هوندي آهي، ثاني جي لاءِ لفظن جا پڇاڙيءَ وارا حرف ٻٽا ڪري سگهبا آهن ۽ اهڙيون قسم جون ٻيون سهولتون پڻ آهن.

سنڌيءَ ٻوليءَ جي هڪ ٻي خصوصيت هيءُ آهي، جو اُن ۾ بي انتها ۽ گوناگون لفظ آهن، بعضي بعضي تہ ايئن پيو معلوم ٿيندو آهي تہ لفظن جي فضول زيادتي آهي ۽ خواه مخواه هم معنيٰ لفظ ڪثرت سان آيل آهن. صوبي ۾ اهڙي ڪا شيءِ نہ آهي، جنهن جي لاءِ ڏيهي زبان ۾ نالو نہ هجي. مگر دهقاني سنڌي-فارسيءَ ۾ ايئن نہ آهي. عام ظاهري شين، مثلاً: اُٺ لاءِ اڪثر ٻارهن لفظ آهن، جن مان ڪي هم معنيٰ هوندا، مگر گهڻن جي معنيٰ ۾ باريڪ تفاوت هوندو آهي. خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏکيا لفظ عربي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ مان بنا ڪنهن حجاب جي ورتا ويندا آهن، جنهن ڪري سنڌيءَ کي تمام وسيع لغت آهي."

[سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون: ص-71]

# سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت جي هڪ وڌيڪ ثابتي



نفيس احمد ناشاد

1857ع سنڌ وارن لاءِ اُهو سڀاڳو سال آهي، جو اُن وقت جي سنڌ-سجڻ ڪمشنر سر بارٽل فريئر هڪ "پڌرنامو" (نوٽيفڪيشن) جاري ڪري عام ماڻهن کي تاڪيد ڪيو تہ آئينده ڪيس جيڪي بہ درخواستون موڪليون وڃن، سي لازمي طرح سان "سنڌي ٻوليءَ" ۾ هجن. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ معياري رسم الخط طئي ٿيڻ ۽ ان کي سرڪاري طرح مڃتا ڏيڻ کان پوءِ ٻوليءَ لاءِ مجموعي طرح پوري عمل ۾ احترام جو انتظام ڪيو ويو، جيئن اها "قومي ٻولي" جي حيثيت ۾ عملي طرح نافذ ٿي، پوري ترويج ماڻي سگهي. پڌرنامي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت جو وڌيڪ خيال ڪندي اهو پڻ واضح ڪيو ويو تہ اگر ڪنهن بنھ لاچاري سبب فارسيءَ ۾ درخواست لکڻ جي مجبوري پيش اچي، تہ بہ ان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، ان سان شامل ڪيو وڃي. فريئر جي هٿ اکر صحي سان اهو پڌرنامو (نمبر 100/1957ع) سنڌي ٻوليءَ جي اهميت تي هڪ فخر لائق دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. جيڪو حُسن اتفاق سان 1985ع ڌاري مون کي هڪ سنڌ سينگار سجڻ جي قديم قلمي ذخيري مان هٿ آيو ۽ سُنت ٿي پهريون پيرو مهراڻ رسالي ۾ شايع ڪري محفوظ ڪيو ويو.

ان دستاويز کي 1997ع ڌاري سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڏهوڪي انتظاميا پاران وڏو ڪري سهڻي فريم ۾ مڙهائي عام آگاهيءَ لاءِ آويزان ڪيو ويو. هاڻي ان دستاويز کي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ بار بار شايع ڪيو پيو وڃي ۽ "سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ" جي موجوده جاڳرتا مهم دوران ان کي مختلف چئنلس تي پڻ ڏيکاريو پيو وڃي. سچ تہ اٿارٽيءَ طرفان سنڌ جي اها هڪ وڏي خدمت آهي، جنهن وسيلي 'سنڌي ٻولي، قومي ٻولي تحريڪ' کي فخرمندي ۽ ثابتيءَ جي سگهہ ملي رهي آهي.




حسن اتفاق سان ان سلسلي جي هڪ ٻي اهم ڪڙي ڪجهہ سال اڳ مون کي هڪ ٻئي سنڌ دوست سجڻ جي ذاتي ذخيري ۾ نظر آئي، جا منهنجي شوق ۽ استدعا تي منهنجي حوالي ڪئي وئي. اهو دستاويز فريئر واري مذڪوره پڌرنامي کان بہ ٽي سال اڳ جو لکيل آهي، جنهن تي واضح طور تي سن 1854ع چاڙهيل آهي.

اهو دستاويز انگريزن جي دور ۾ غلام الله (ضلعي ٺٽي) جي تپيدار هرومل جي هڪ درخواست آهي، جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ انگريز سرڪار طرفان پنهنجن ملازمن لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو ويو هو تہ اُهي سنڌي ٻولي سِکي، اُن ۾ امتحان ڏئي ڪاميابيءَ جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪن، ٻيءَ صورت ۾ سندن پگهار روڪيو ويندو. درخواست ۾ ملازم هرومل جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي لکي ٿو تہ جيئن تہ هُن کي سنڌي سکڻ ۾ ڪنهن سبب سان دير ٿي آهي، ان ڪري هُن جو پگهار روڪي سرڪاري خزاني ۾ امانت رکيو ويو آهي. ملازم گهُر ٿو ڪري تہ جيئن تہ هو هاڻي سنڌي ٻولي سکي، ان ۾ امتحان ڏئي چڪو آهي، تنهنڪري مختيارڪار کي هدايت ڪئي وڃي تہ امانت ۾ پيل سندس پگهار جاري ڪري ڪيس ادا ڪيو وڃي.

1854ع جي ان دستاويز (درخواست) مان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت جي احترام ۾ انگريز حاڪمن کي ڪيترو نہ تاڪيدي اونو هوندو هو جو اُهي پنهنجي ملازمن طرفان سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۾ ڪوتاهيءَ جي صورت ۾ ڪيئن نہ محڪماتي اُپاءَ وٺي رهيا هئا.

['سنڌي ٻولي' جرنل: جنوري 2010ع]

سنڌي ٻوليءَ بابت 1854ع جو اهو دستاويز سنڌ جي باوقار علمي اداري سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ اداري جي موجوده سرگرم سرواڻ محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:






(تاثر)

# سنڌي ٻوليءَ سان پيار

ان شام آئون پنهنجي دوست وزير سان گڏ شهر جي ’ڪپڙا مارڪيٽ‘ ۾ خريداريءَ لاءِ موجود هيم. حيدرآباد جو اهو علائقو ٻڌي واپار جو وڏو مرڪز آهي جنهن جي چوڌاري گھٽيل آبادي آهي، جتي گھڻائي اردو ڳالهائيندڙن ماڻهن جي آهي، پر واپار جي ته پنهنجي ٻولي ٿئي ٿي. ڪل يوڳ، محبت جي ٻوليءَ هوڪا، جنهن ۾ سچو ڏينهن ٻه رپيا ڪمائڻ جا جتن ڪرڻا پون ٿا. هڪ واپاري سان وزير اردوءَ ۾ پئي ڳالهايو ۽ واپاري وري سنڌيءَ ۾ پئي وراڻيو پاڻ تي عجيب لڳو! اسين انهيءَ ڳتيل آباديءَ واري علائقي ۾ پئي گھمياسين ته اسان جي نظر سٽي ڪاليج جي هنج ۾ قائم سرڪاري هاءِ اسڪول جي ٻاهرين پٽ تي پئي، جنهن تي هڪ بينر لڳل هو جنهن تي لکيل هو ”آئیے سندھی سیکھیں“!

اهو پڙهي اندر وڃڻ جي چڪ ٿي، اندر پهتاسين ۽ خبر پئي ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻولي سيکارڻ جي سلسلي ۾ ٻولي اختياريءَ جو چيئرمين پنهنجي ٽيم سان گڏ موجود هو. آئون ۽ وزير انهيءَ تقريب جي پڄاڻي ڪانپوءِ ڪيفي فردوس ريسٽورنٽ تي ويهي سنڌي ٻوليءَ سان اردو ڳالهائيندڙ جي محبت جي خوشيءَ مان ويچار ونڊيا.

ڪافي دير اتي ويٺا رهياسين. اسان جو موضوع جو محور اهوئي هو ته ٻولين ماڻهن کي








غلام نبي سومرو

شروع ٿيندڙ ڪورس جي افتتاحي تقريب منعقد ٿي رهي هئي. مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ آبادين جي وچ ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ واري اهڙي سرگرميءَ اسان کي متاثر ڪيو. تقريب ۾ انهيءَ علائقي جا واپارين، نوجوان شاگرد، شاگردياڻيون ۽ تاجرن جي مکيه تنظيم اڳيان اڳيان هئي. اسڪول جو هيڊ ماستر پنهنجي تقرير ۾ گھڻو خوش نظر آيو. نوجوان شاگرد ۽ شاگردياڻيون جيڪي هڪ وڏيڪ ٻولي سکڻ جي خوشيءَ ۾ شامل هئا. انهن جي چهرن تي مون کي خوشي ۽ سنڌ سان محبت نظر آئي. منهنجي پر ۾ ويٺل چئن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي مشتمل هڪ گروپ پاڻ ۾ امر جليل ۽ نورالهديٰ شاهه جي متعلق ڳالهه ٻولهه پئي ڪئي. اهي شايد انهن جي اردو لکڻين جا پڙهندڙ هئا ۽ اميد ته ڪورس ڪرڻ ڪانپوءِ ايندڙ ڪجهه مهينن ڪانپوءِ اهي کين سنڌيءَ ۾ به پڙهندا. تقريب ۾ سنڌيءَ جا ڪجهه اهم ليکڪ به هئا، اديب ۽ عالم سنڌي ملائين به ٿيون ۽ انهن کي پري به ڪن ٿيون. حيدرآباد شهر جي ڪهاڻي به اهڙي ئي رهي آهي. اڄ اسين ٻوليءَ جي طاقت کان واقف ٿيا آهيون ته اها ڪيئن نه ماڻهن کي جوڙي رهي آهي ۽ ماضيءَ جي ويڇن کي ختم ڪري رهي آهي. هُنن کي شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ دلچسپي آهي ته اسان به غالب ۽ اقبال کي پڙهون ٿا. اُن شام کان حيدرآباد شهر مون کي وڏيڪ وڻي رهيو آهي!

## سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "سنڌي صورتخطي: مسئلا ۽ حل" جي سري هيٺ ٿيل اهم ورڪشاپ (01 آڪٽوبر 2022ع)

### لفظن جون تجويز ڪيل ترجيحي صورتون

| نمبر | تجويز ڪيل لفظ | 2008 جا رايا | | جامع سنڌي لغات ۾ لفظ جي صورت | ورڪشاپ دوران طئي ٿيل ترجيحي صورت |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | اڄڪلهہ / اڄ ڪلهہ | اڄڪلهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهہ شفيع محمد چانڊيو | اڄ ڪلهه | اڄڪلهه |
| | | اڄ ڪلهہ | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي | | |
| 2 | اجان/اجا | اجا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهہ شفيع محمد چانڊيو ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي | اجا | اجا |
| | | اجان | – | | |
| 3 | الف- ب/الف – بي | الف- ب | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سيد قلندر شاهہ لڪياري | الف - بي | الف _ بي |
| | | الف - بي | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 4 | انسائيڪلو پيڊيا/ اينسائيڪلو پيڊيا/انسائي ڪلوپيڊيا | انسائيڪلو پيڊيا | عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو سيد قلندرشاهہ لڪياري، ڊاڪٽر سحر امداد، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | | انسائيڪلوپيڊيا |
| | | اينسائيڪلو پيڊيا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ | – | |
| | | انسائي ڪلو پيڊيا | محمد ابراهيم جويو | | |
| 5 | انفرميشن/ انفارميشن | انفرميشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد | انفرميشن | انفرميشن |
| | | انفارميشن | ولي رام ولڀ، سيد قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| 6 | ايوارڊ/ اوارڊ | ايوارڊ | ولي رام ولڀ (ٻئي) عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سيد قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | ايوارڊ |
| | | اوارڊ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد | | |
| 7 | اونداهي / اونڌائي | اونداهي | سڀ ماهر متفق | اونداهي | اونداهي |
| 8 | اوٺيهہ / اٺويهہ | اوٺيهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا (ٻئي)، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، سيد قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | اوٺيهہ | اٺويهہ |
| | | اٺويهہ | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد | | |
| 9 | ايڪيهہ/ ايڪويهہ | ايڪيهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا (ٻئي)، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، سيد قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | ايڪيهہ/ ايڪويهہ | ايڪيهہ |
| | | ايڪويهہ | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد | | |
| 10 | آئون/آءٌ | آءٌ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، سيد قلندر شاهہ لڪياري . عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو سحر امداد | آئون | آئون/آءٌ |
| | | آئون | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| 11 | ايجوڪيشن/ايڊيوڪيشن | ايجوڪيشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | ايڊيوڪيشن | ايجوڪيشن |
| | | ايڊيوڪيشن | محمد ابراهيم جويو ولي رام ولڀ (ٻئي) | | |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 12 | بلڪل / بالڪل | بلڪل | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | بلڪل / بالڪل | بلڪل |
| | | بالڪل | ڊاڪٽر مدد علي قادري | | |
| 13 | ٻئراج / ٻيريج / براج / ٻئريج /ٻيراج | ٻئراج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | براج | ٻئراج |
| | | براج | مدد علي قادري | | |
| | | ٻيراج | پروفيسر قلندر شاهہ لڪاري | | |
| 14 | بنايو/ ٺاهيو | ٺاهيو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ (ٻئي) ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد(ٻئي) | ٺاهيو | ٺاهيو |
| | | بنايو | ڊاڪٽر محمد علي قادري، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 15 | پيون/ پيو/ پٽو | پيو | محمد ابراهيم جويو (پيو/ پٽو)، مدد علي تادري، عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | پيو/پٽو | پيون/ پيو |
| | | پيون | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ (ٻئي) عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| 16 | ٻئنڪ / بينڪ | ٻئنڪ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | بينڪ | ٻئنڪ |
| | | بينڪ | پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| 17 | ڀاڳو /ڀاڳون | ڀاڳو | سڀ ماهر متفق | ڀاڳو | |
| 18 | پئونر / پنئور/ پؤنر / پِونر | پؤنر | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو | پنئور/پنئر | پئونر |
| | | پِونر | ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري | | |
| 19 | توٽي/ توڙي | توڙي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو. | توٽي/ توڙي | توڙي |
| | | توٽي | عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، محمد ابراهيم جويو(ٻئي) | | |
| 20 | ٿانءَ/ ٿانوَ | ٿانءَ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ (ٿانءَ-واحد، ٿانوَ-جمع)، پروفيسر قلندر لڪياري(ٿانءَ-واحد، ٿانوَ-جمع) | ٿانءَ/ ٿانو | ٿانءَ/ ٿانوَ (ٿانءَ-واحد، ٿانوَ-جمع) |
| | | ٿانوَ | شفيع محمد چانڊيو، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | | |
| 21 | ٿل / ٿُلهہ | ٿُلهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ڊاڪٽر سحر امداد (ٻئي) پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري | ٿل / ٿُلهہ | ٿلهہ |
| | | ٿل | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي تادري، ڊاڪٽر عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 22 | پردو/ پڙدو | پردو | ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، | پردو/ پڙدو | پردو |
| | | پڙدو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي) ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 23 | پنهور/ پهنور/ پنوهر/ نهوار | پنهور | سڀ ماهر متفق | پهنور | پنهور |
| 24 | پوي/ پئي | پوي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر سحر امداد، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ (ٻئي)، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري | پئي | پوي_ پئي |
| | | پئي | آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 25 | پئسا/ پيسا/ پئسہ | پئسا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | پئسا/ پيسا | پئسا |
| | | پيسا | ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 26 | پٽي / پيٽي | پٽي | ولي رام ولڀ (ٻئي)، ڊاڪٽر مدد علي قادري، شفيع محمد چانڊيو | پٽي | پٽي / پيٽي |
| | | پيٽي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | | |
| 27 | جاچ / جانچ | جاچ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، قلندر شاهه لڪياري (ٻئي) | جاچ / جانچ | جاچ |
| | | جانچ | ڊاڪٽر مدد علي قادري، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 28 | جنهنڪري / جنهن ڪري | جنهنڪري | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | جنهن ڪري | جنهنڪري |
| | | جنهن ڪري | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | | |
| 29 | ڄامشورو / ڄام شورو | ڄامشورو | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو | ڄام شورو | ڄامشورو / ڄام شورو اسم خاص طور 'ڄامشورو' ۽ اسم عام طور 'ڄام شورو' |
| | | ڄام شورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري (ڳوٺ ۽ ضلعو ڄامشورو، ماڻهو جو نالو ڄام شورو) | | |
| 30 | چانهن / چانهه | چانهه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | چانهه | چانهه |
| | | چانهن | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| 31 | چوي / چئي | چوي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد (ٻئي)، پروفيسر قلندر شاهه | چئي | چوي / چئي |
| | | چئي | عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو | | |
| | چيئرمين / چيئرمئن / چيئرمن | چيئرمئن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | | چيئرمئن (واحد) چيئرمين (جمع) |
| | | چيئرمن | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، سحر امداد | | |
| | | چيئرمين | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 32 | درياهه / درياءَ / درياء | درياهه | محمد ابراهيم جويو (درياهه- درياءَ)، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد (ٻئي) پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | درياهه / دريا | درياهه |
| | | درياء | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، | | |
| | | درياءَ | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 33 | دنبورو / طنبورو / تنبورو | دنبورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، ڊاڪٽر سحر امداد، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | دنبورو / تنبورو | تنبورو |
| | | طنبورو | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 34 | ذميداري / ذميواري | ذميداري | محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد (ٻئي) | ذميداري / ذميواري | ذميواري |
| | | ذميواري | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو شفيع محمد چانڊيو | | |
| 35 | روپيا / رپيا / روپيه | روپيا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالغفار صديقي (ٻئي)، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | روپيا / رپيا | رپيا |
| | | رپيا | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 36 | روزاني-روزانو / روزانه | روزاني-روزانو | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | روزاني-روزانو | روزاني-روزانو |
| | | روزانه | - | | |
| 37 | سهولت / سهوليت | سهولت | محمد ابراهيم جويو (ٻئي) ڊاڪٽر محمد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد | سهولت | سهولت |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | سهوليت | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ ، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | | |
| 38 | صحيح/صحي (دستخط) | صحيح | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | صحيح | صحي |
| | | صحي | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد | | |
| 39 | طئي/ طي/ طيءِ/ طئہ | طي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ط تي زبر)، مدد علي قادري، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | طي | طئي |
| | | طئہ | ولي رام ولڀ | | |
| | | طيءِ | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد | | |
| | | طئي | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو شفيع محمد چانڊيو | | |
| 40 | ڪاميٽي/ ڪميٽي | ڪميٽي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، قلندر شاهه لڪياري (ٻئي) | – | ڪميٽي |
| | | ڪاميٽي | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو شفيع محمد چانڊيو | | |
| 41 | ڪانسواءِ/ ڪان سواءِ | ڪان سواءِ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد | – | ڪان سواءِ |
| | | ڪانسواءِ | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي تادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 42 | لينگوئيج/ لئنگويج/ لينگئيج/ لئنگئيج | لئنگئيج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، مدد علي قادري ڊاڪٽر سحر امداد | – | لئنگئيج |
| | | لئنگويج | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | | |
| | | لئنگوج | پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | | |
| 43 | ماروي/ ماروئي/ مارئي | ماروي/مارئي (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو | مارئي | مارئي |
| | | مارئي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | | |
| 44 | مانوارا/ مان وارا | مانوارا | ڊاڪٽر غلام علي الانا/ محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | مانوارا | مانوارا |
| | | مان وارا | ولي رام ولڀ | | |
| 45 | نئشنل/ نيشنل | نئشنل | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو | – | نيشنل |
| | | نيشنل | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاهه لڪياري | | |
| 46 | وڳي/ ٻجي | وڳي | ڊاڪٽر غلام علي الانا (ٻئي)، محمد ابراهيم جويو (ٻئي)، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد حسيني (ٻئي)، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | – | وڳي |
| | | ٻجي | عبدالغفار صديقي | | |
| 47 | ورهائڻ/ ويراهڻ/ وراهڻ | ورهائڻ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر تلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو | ورهائڻ | ورهائڻ |
| | | وراهڻ | ڊاڪٽر محمد علي قادري | | |

## ڏارين ٻولين جي لفظن لاءِ تجويز ڪيل متبادل سنڌي لفظ

| نمبر | ڏاري ٻوليءَ جو لفظ | متبادل سنڌي لفظ |
| --- | --- | --- |
| 1. | توجہ | ڌيان |
| 2. | عدم توجہ | بي ڌياني |
| 3. | مشتمل | ٻڌل |
| 4. | حملو | ڪاھ |
| 5. | اگر | جيڪڏھن |
| 6. | مگر | پر |
| 7. | ليڪن | پر |
| 8. | شنوائي | ٻُڌڻي |
| 9. | فلاءِ اوور | سُڪ پل |
| 10. | اگرچہ | جيتوڻيڪ |
| 11. | تعمير | اڏاوت |
| 12. | تعاون | سهڪار |
| 13. | دستبردار ٿيڻ | هٿ ڪڍڻ |
| 14. | حالانڪ | جيتوڻيڪ |
| 15. | مذمت / مذمت ڪرڻ | ننڊا/ ننڊڻ/ ننڊا ڪرڻ |
| 16. | مزيد | وڌيڪ |
| 17. | مفيد | ڪارائتو |
| 18. | تذبذب | ٻڌتر |
| 19. | بصيرت | ڏاهپ/ سُرت/ ساڃاھ |
| 20. | شناخت | سڃاڻپ |
| 21. | خوفزده | ڊنل |
| 22. | خوامخواھ | هرويرو / اجايو |
| 23. | وابستہ | لاڳاپيل |
| 24. | دلدل | ڌٻڻ |
| 25. | وجه | ڪارڻ/ سبب |
| 26. | اضانو | واڌارو |
| 27. | ڦهلاءُ | پکيڙ |
| 28. | ورنہ | نہ تہ |
| 29. | پوشيده | لڪل / ڳجهو |
| 30. | طويل | ڊگهو |
| 31. | تسليم / تسليم ڪرڻ | مڃڻ |
| 32. | بدلو | پلاند |
| 33. | آلودگي | گدلاڻ |
| 34. | بغير | کانسواءِ |
| 35. | براھ راست | سنئون سڌو/ سڌو سنئون |
| 36. | شجرڪاري | وڻڪاري |
| 37. | بارات | ڄڃ |
| 38. | بيرون ملڪ | پرڏيہ |
| 39. | بورچيخانو | رڌڻو |
| 40. | راهگير | واٽهڙو |
| 41. | بي شمار | اڻ ڳُڻ |
| 42. | متضاد | ابتڙ |
| 43. | متنازعہ | تڪراري |
| 44. | اچانڪ | امالڪ/ اوچتو |
| 45. | فائديمند | لاڀائتو |
| 46. | تربيت | سِکيا |
| 47. | خوامخواھ | هرويرو |
| 48. | رحمدل | ٻاجهارو |
| 49. | متعدد | ڪيترائي |
| 50. | جزوي | ٽورڙو |
| 51. | خاموشي | ماٺ/ ٿاپر |
| 52. | اطلاق | لاڳو ٿيڻ |
| 53. | پهلو | پاسو/ رخ |
| 54. | منجانب | پاران/ طرفان |
| 55. | شرمنده/ شرمنده ٿيڻ | لڄي/ لڄي ٿيڻ |
| 56. | مماثلت | هڪجهڙائي |
| 57. | نشونما | اوسر/ واڌ ويجهہ |
| 58. | دشوار | ڏکيو |
| 59. | پيچيده | ڳُوڙهو/ اڙانگو |
| 60. | تعليم يافتہ | پڙهيل لکيل/ پڙهيل ڳڙهيل |
| 61. | مضحڪ خيز | کل جوڳو |
| 62. | سابق | اڳوڻو |
| 63. | تشويش | ڳڻتي / اُلڪو |
| 64. | آلو | پٽاٽو |
| 65. | انڊو | بيدو/ آنو |
| 66. | مرغي | ڪڪڙ |
| 67. | قباحت | خرابي |
| 68. | تقسيم | ونڊ/ ورڇ |
| 69. | توسيع | واڌارو |
| 70. | آمدرفت | اچ وڃ |
| 71. | ثالثي | ٽياڪڙي |
| 72. | گردن | ڪنڌ |
| 73. | محلو | پاڙو |
| 74. | بچپن | ٻالڪپڻ/ ننڍپڻ |
| 75. | سبزي | ڀاڄي |
| 76. | مبادا | متان |
| 77. | غيرجانبدار | اڻ ڌريو |
| 78. | دهراءُ | ورجاءُ |
| 79. | دهرايل | ورجايل |
| 80. | اتحاد | ٻڌي |
| 81. | تمام | گهڻو / ڏاڍو |
| 82. | منصوبو | رٿ/رٿا |
| 83. | لهذا | انڪري/تنهنڪري |
| 84. | بهرحال /بهرصورت | هر حال ۾/ڇا بہ هجي |
| 85. | برعڪس | ابتڙ |
| 86. | حتيٰ ڪ | تان جو |
| 87. | تاهم | تنهن هوندي |
| 88. | باهمي تعلقات | گڏيل لاڳاپا |
| 89. | دشواري | ڏکيائي |
| 90. | يڪجهتي | ٻڌي |
| 91. | ترويج | هٿي ڏيڻ |
| 92. | نافذ | لاڳو |
| 93. | بازگشت | پڙاڏو |
| 94. | معاوضو | اجرت |
| 95. | مراجعت | واپسي، موٽ |
| 96. | نقيب | اڳواڻ |
| 97. | مؤثر | اثرائتو |

# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران



## ڏنڌي وار /هنرمند ماڻهن جون
## لُغتون ٺاهڻ جو حصو بڻجو

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي قديم جاتين/قبيلن/ مخصوص ڌنڌن/هُنرن ۽ پيشن/شوقن ۽ خفتن سان لاڳاپيل ماڻهن جون لغتون ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيئن ٻوليءَ جي وسعت، گهڻ رنگائي ۽ حُسناڪيءَ کي محفوظ ڪري سگهجي.
- ڌنڌي وار يا پيشي وار لغتن ۾ ان پيشي سان لاڳاپيل ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مخصوص لفظن، لغت، لهجي، اوزارن، ٺاهيل يا استعمال هيٺ شين/اوزارن، شين جي قسمن/نمونن، هڪ ئي شيءِ جي مختلف علائقن ۾ رائج جدا نالن، هڪ ئي شيءِ يا وکر جي مختلف حصن جي الڳ الڳ نالن سان گڏ لاڳاپيل ڌنڌي بابت اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون ۽ لوڪ گيت پڻ شامل ڪري سگهجن ٿا.
- اهڙن ڪجھ قديم پيشن سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ ڏڪڻ، موچي، ٺاٺارا، گهاٽي وارا، پرت پريندڙ، اجرڪ ۽ ٽوپيون ٺاهيندڙ، ڪاشيگر، ڪمانگر، لوهر/ڪاريا، واڻ ۽ مُڃ جو ڪم ڪندڙ، ڪنڀار، ٻَني وارا، سونارا/زرگر، ناچو، راڳي ۽ سازندا، باغائي، جوڳي، رازا، چور ۽ پيري، راڌا، ڪتي/رنگريز، ڌوٻي/ساٽي، مُهاڻا/ٻيڙياتا وغيره شامل آهن. جڏهن ته شوقينن ۾ شڪاري، ڏاندن، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائيندڙ، ڪوڪڙي، ڪبوترا، جُوئاري ۽ ملهَه وغيره شامل آهن.
- ٺهندڙ لغتون جيئن ته تصويري هونديون، تنهنڪري ذڪر هيٺ ايندڙ شين يا اوزارن جون معياري تصويرون پڻ ڏيڻيون پونديون.
- ان ڏس ۾ اسان سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻُن، ماهرن، عالمن ۽ استادن سميت سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ايم.فل / پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگردن کي آڇ ڪريون ٿا ته اهي ڪنهن به قديم پيشي يا ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهن جي لغت ٺاهي، سنڌي ٻوليءَ جي ناياب ۽ وساريل لفظن کي بچائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائن.
- پنهنجو تحقيقي خاڪو (Proposal) هيٺ ڄاڻايل ڏس پتي ۽ اي ميل تي هڪ مهيني اندر موڪلڻ گهرجي.
- عام لغتن جي ڀيٽ ۾ ادارو ڄاڻايل لغتن جو بهتر ڪان بهتر معاوضو ادا ڪندو.


## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

نيشنل هاءِ وي لڳ سنڌ ميوزيم قاسم آباد حيدرآباد

Email: contact@sindhila.edu.pk

(022) 9240050

# سنڌي ٻوليءَ لسانيات تي تحقيق ڪندڙ
# ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن لاءِ

# اسڪالرشپ

2024

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران يونيورسٽي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات تي تحقيق کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مالي سهائتا جو اعلان گذريل سال ڪيو ويو هو ته جيئن ايم.فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ۾ داخلا وٺندڙ شاگرد وڌ ۾ وڌ سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي موضوعن تي تحقيق ڏانهن مائل ٿين. ان سلسلي ۾ 2023ع جي تعليمي سال دوران پهتل درخواستن جو جائزو وٺي ڪميٽيءَ جي فيصلن تحت مختلف يونيورسٽين جي شاگردن کي اسڪالرشپ جا چيڪ ڏنا ويا.

- هن وقت دوران جيڪي به شاگرد ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ۾ داخل آهن ۽ انهن جا تحقيقي موضوع سنڌي ٻولي ۽ لسانيات آهن، ته اُهي پنهنجو تحقيقي خاڪو، (Outline) موضوع جي انفراديت يا نواڻ، ڪم جو تفصيل ۽ داخلا جو سال لکي پنهنجي شعبي جي چيئرمين جي تصديقي خط سان گڏ اداري جي سيڪريٽري ڏانهن موڪلي سگهن ٿا. پهتل درخواستون ڪاميٽيءَ آڏو پيش ڪيون وينديون.
- جيڪي شاگرد ايم. اي جي مونوگراف ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن نئين/اڻ ڇهيل موضوع تي تحقيق ڪندا ته انهن جي همت افزائي پڻ ڪئي ويندي.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

Email: contact@sindhila.edu.pk